# سِنڌي پنجون ڪِتاب

## پنجين ڪلاس لاءِ



سِنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

www.perfect24u.com

# سنڌي پنجون ڪتاب

## (پنجين ڪلاس لاءِ)



سِنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ڄام شورو، سنڌ.

ڇپيندڙ:

www.perfect24u.com

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو وٽ محفوظ آهن.
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ جو تيار ڪرايل ۽ سنڌ حڪومت جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي جي مراسلي No.SO(G-1) E&L/Curr:2014, Dated: 29-12-2014 موجب سنڌ صوبي جي سيني پرائمري اسڪولن لاءِ واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل.

بيورو آف ڪريڪيولم سنڌ جي نصابي ڪتابن جي جائزي واري صوبائي ڪاميٽي جو چڪاسيل

نگران اعليٰ: آغا سهيل احمد پٺاڻ
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران: اويس ڀٽو

ليکڪ: الله بخش ٽالپر، سيد قادر بخش شاهه، سکيو خان چنو، ولي رام "ولڀ"، سيد شير شاهه، محمد پريل 'بيدار' مگريو، ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو، محمد اسحاق سميجو، عزيز ڪنگراڻي، علي دوست عاجز، خالد آزاد وگهيو.

ايڊيٽر: سيد شير شاهه بُخاري، ڊاڪٽر نور افروز خواجه
پروفيسر سراج چنا، اويس ڀٽو، محمد ادريس جتوئي

صوبائي جائزه ڪاميٽي: ڊاڪٽر غلام علي الانا، سيد غلام اڪبر "نمائي"، تاج محمد جويو، شفيع محمد چانڊيو، عزيز احمد پنهور، محمد ادريس جتوئي، تحسين ڪوثر انصاري، دلشاد احمد ڏيٿو.

چترڪار: ساجده يوسف

ڪمپيوٽر گرافڪس: نورمحمد سميجو

پروف ريڊنگ: جمشيد احمد جوڻيجو

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: عرفان علي سميجو

---

هي ڪتاب ................................ پريس ڪراچي ۾ ڇپيو.

www.perfect24u.com

# فهرست


| سبق | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| 1 | جيڏو تنهنجو نانءُ ........ (حَمد) | 1 |
| 2 | پورهئي جي اهميت | 3 |
| 3 | نعت ..................... (نظم) | 7 |
| 4 | حضرت عثمان غنيؓ | 9 |
| 5 | آڪاش مَندَل | 12 |
| 6 | هَلو سَبز پَرچَم اُڏاري هلو....(نظم) | 15 |
| 7 | صوفي شاهه عنايت شهيدؒ جو ميلو | 17 |
| 8 | هولي | 21 |
| 9 | پيارا وطن .............. (نظم) | 25 |
| 10 | محمد عثمان ڏيپلائي | 27 |
| 11 | موهن جو دڙو | 29 |
| 12 | نظارا وطن جا .............. (نظم) | 34 |
| 13 | عمر مارئي | 37 |
| 14 | سائي | 41 |
| 15 | اڄو ته پنهنجو ڳوٺ سُڌاريون ...... (نظم) | 44 |
| 16 | بابا فريدگنج شڪرؒ | 46 |
| 17 | عقلمند شهزادو | 49 |
| 18 | قدم وڌائي اڳتي هل ... (نظم) | 53 |
| 19 | سائنسي ايجاد (اِي ميل) | 55 |
| 20 | اسڪائوٽِنگ ۽ گرل گائيڊ | 58 |
| 21 | هرٽي ۽ سندس ٻچو .............. (نظم) | 62 |
| 22 | شهرِي رضاڪار | 65 |
| 23 | ڏندن جي اهميت | 69 |
| 24 | سُر سارنگ .................... (بيت) | 74 |
| 25 | دودو سومرو | 76 |
| 26 | تِمرَ جا ٻيلا | 79 |
| 27 | لوڻ جي آتمُ ڪهاڻِي | 82 |
| 28 | نوان لفظ | 86 |


www.perfect24u.com

# پ اکر

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ هڪ اهڙو تعليمي ادارو آهي، جنهن جو ڪم درسي ڪتابن جي تياري ۽ اشاعت ڪرڻ آهي. اُن جو اهم مقصد اهڙن درسي ڪتابن جي تياري ۽ فراهمي آهي، جيڪي نئين نسل کي علم ۽ شعور ڏيڻ سان گڏوگڏ منجهن اهڙي صلاحيت پيدا ڪن، جن جي ذريعي اهي اسلام جي آفاقي نظرين، ياپيءَ، بزرگن جي ڪارنامن، پنهنجي ثقافتي ورثي ۽ روايت جي حفاظت ڪندي، نئين دور جي سائنسي، ٽيڪنيڪي ۽ سماجي تقاضائن کي پورو ڪري ڪامياب زندگي گذاري سگهن.

هن اعليٰ مقصد کي پورو ڪرڻ خاطر اهل علم، ماهرن، استاد صاحبن ۽ مخلص دوستن جي هڪ ٽيم ڪنڊ ڪڙڇ کان حاصل ٿيندڙ معلومات جي روشنيءَ ۾ ڪتابن جي درستيءَ جي معيار، جائزي ۽ انهن جي سُڌاري جي عمل ۾ اسان سان گڏ لڳاتار مصروف آهي.

اسان جا ماهر ۽ اشاعتي عملو اُن صورت ۾ ئي گهربل مقصدن ۾ ڪامياب ٿيندو، جڏهن انهن ڪتابن مان استاد صاحب، شاگرد ۽ شاگردياڻيون پورو پورو لاڀ پرائين. ان لاءِ سندن تجويزون ۽ رايا انهن ڪتابن کي بهتر بنائڻ ۾ ڪارآمد ٿيندا.

چيئرمين

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

www.perfect24u.com

مفت ورهاست لاءِ

بِسمِ اللهِ الرَّحمٰن الرَّحِيمِ

سبق پهريون

# جيڏو تنهنجو نانءُ (حمد)

**سکيا جي حاصلات**

- الله سائينءَ جي ٻاجھ ۽ قدرت کي بيان ڪرڻ.
- بيتن کي سُر ۽ لئه سان پڙهڻ.
- بيتن ۾ آيل نون لفظن جي معنيٰ لغت ۾ ڏسي ٻڌائڻ.
- بيتن مان هم آواز لفظ لکڻ.



صاحبَ! تُنهنجي صاحبي، عجبُ ڏِٺي سُون،
پَنَ ٻوڙين پاتالَ ۾، پَهڻَ تارِين تُون،
جيڪر اچين مُون، تہ ميرِيائِي مانُ لَهان.

جيڪِي مَنجھ جَهانَ، سو تارِيءَ تَڳي تُنهنجي،
لُطفَ جِي لَطِيفُ چَئي، تو وَٽِ ڪَمِي ڪانہ،
عَدُلَ ڇُٽان آن نہ، ڪو ڦيرو ڪَج فَضُلَ جو.

جيڏو تُنهنجو نانءُ، ٻاجھ بِہ اوڏِيائي مَنگان،
رِي ٽَنيين، رِي ٽُوٽِيين، تُون ڇَپَرُ تُون ڇانءَ،
ڪُجاڙو ڪَهانءِ، توکي مَعَلوم سَڀَڪا.

شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ

استاد لاءِ هدايت: استاد ٻارن کي شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ بابت مختصر ڄاڻ ڏئي.



www.perfect24u.com

## مشق

مفت ورهاست لاءِ

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هي جهان ڪنهن جي تاريءَ تڳي تو؟

(ب) شاعر ٻئي بيت ۾ رَبَّ سائينءَ کان ڪهڙي دعا گهري آهي؟

(ج) شاعر رَبَّ پاڪ کان ڪيڏي ٻاجھ گُهري رهيو آهي؟

2. لفظن ۽ فقرن جي معنيٰ سمجهڻ:

- صاحب: الله سائينءَ ڏانهن اشارو
- پاتال: اونهائيءَ جي آخري حد، ترو، سمند يا ڍنڍ وغيره جي گهرائي.
- ميريائي مانُ لهڻ: اَوَگُڻَن (عيبن) هوندي بہ عزت ماڻڻ.
- تارِيءَ تڳڻ: آسري تي گذارڻ.
- ڪُڄاڙو: ڇا.
- ڪُڄاڙو ڪهاڻ: آءٌ ڇا چوان، تو آڏو ڇا بيان ڪريان.

3. ’تون‘ ۽ ’مون‘ هم آواز لفظ آهن، هنن بيتن مان ٻيا هم آواز لفظ ڳولي لکو.

سرگرمي: (1) ڏنل لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي لکو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| صاحبي | |
| ري | |
| منگڻان | |
| ٻاجھ | |
| ڇپر | |

(2) بيت زباني ياد ڪريو ۽ سُر سان ٻڌايو.



www.perfect24u.com

مفت ورهاست لاءِ

سبق ٻيو

# پورهئي جي اهميت

**سکيا جي حاصلات**

- حضورﷺ جن جي زندگيءَ مان پورهئي جي اهميت سمجهڻ.
- حضورﷺ جن جي سيرت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- لفظن جي معنيٰ سمجهي جملن ۾ ڪم آڻڻ.
- لفظن جا ضد لکڻ.
- لفظن ذريعي خال ڀرڻ.
- اسم جو سادو استعمال ڪرڻ.

نَبِي اڪرم حضرت محمّد صَلّي الله عَليه وَآلهٖ وَسلّمَ جن جو ارشاد آهي تہ ”پورهيت خُدا جو دوست آهي“.



حق حلال جو پورهيو بہ هڪ عبادت آهي. اُهو انسان جيڪو پورهئي کان ڪيٻائي ٿو، سو سدائين ٻين جو محتاج رهي ٿو. هيءَ دنيا جيڪا اڄ هيڏي اوج تي پهتي آهي، سا بہ انسان جي پورهئي جي ڪري پهتي آهي.

اسان جي پياري پيغمبر حضرت مُحَمَد مُصطفيٰ صَلّي الله عَليه وَآلهٖ وَسلّمَ جن پورهئي جو گهڻو تاڪيد فرمايو آهي. پاڻ سڳورا جيڪي بہ فرمائيندا هئا، انهيءَ تي پهريائين پاڻ عمل ڪندا هئا. پورهئي جي ايتري عظمت آهي، جو ٻنهي جهانن جا سردار پنهنجو ڪم پنهنجي مبارڪ هٿن سان ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا.

پاڻ سڳورا جڏهن مڪي شريف کان هجرت ڪري مديني شريف ۾ رهڻ لڳا، تڏهن ڪين مسجد جوڙائڻ جو خيال آيو. اُن ڪري پاڻ سڳورن حضرت ابو ايوب انصاريؓ



www.perfect24u.com

جي گهر جي پرسان زمين جو ڪجهه ٽڪرو خريد ڪيو. اُهو ٽڪرو بَنُو نَجار قبيلي جي ٻن يتيم ٻارڙن جو هو. اُنهيءَ زمين جي ٽڪري تي جهنگ هو، جتي ڪجين جا ڪجهه وڻ به بيٺل هئا. پاڻ سڳورن جهنگ ۽ ڪجين جا وڻ وڍائي، لاهه ڪڍائي، مسجد جو بنياد رکيو: جنهن کي 'مسجد نَبوي' سڏيو وڃي ٿو.

جڏهن زمين مسجد جي اڏاوت لاءِ تيار ٿي وئي، ته ان جي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ويو. حُضور صَلَي اللهُ عَليه وَآلہٖ وَسَلَمَ جن، ٻين اصحابن سان گڏ پاڻ هڪ پورهيت وانگر مسجد جي اڏاوت ۾ حصو ورتو. اصحابن پاڻ سڳورن کي عرض ڪيو ته، اهو ڪم اسان جي حوالي ڪريو، پاڻ آرامي ٿيو. پر رسول ڪريم صَلَي اللهُ عَليه وَآلہٖ وَسَلَمَ جن اصحابن سان گڏ مٽي ۽ پٿر ڍوئيندا رهيا. اصحابي پاڻ سڳورن کي پورهيو ڪندي ڏسي وڌيڪ جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪرڻ لڳا.

مسجد نبوي ان وقت بلڪل سادي نموني ٺاهي وئي. ڪجين سرن جون ٿنڀيون ٺاهي، انهن جي مٿان ڪجين جي ڦرهن جي ڇت رکي وئي. مسجد ۾ فرش نه هئڻ ڪري، مينهن پوڻ کان پوءِ گپ ٿي ويندي هئي، تنهنڪري پٽ تي پٿريلي مٽي وجهرائي، اُن کي پڪو ڪرائي ڇڏيائون.

انهيءَ مان ثابت ٿيو ته، پاڻ سڳورا پورهئي کي ڪيڏو نه پسند فرمائيندا هئا. جيڪڏهن پاڻ سڳورا رڳو حڪم ڪن ها تڏهن به مسجد نبوي اڏجي وڃي ها. پر نَبِي ڪَرِيم صَلَي اللهُ عَليه وَآلہٖ وَسَلَمَ جن پنهنجي سر ڪم ڪري، پورهئي جي اهميت کي دنيا آڏو ثابت ڪري ڏيکاريو.

اسان کي به گهرجي ته، پاڻ سڳورن جي ڏنل سبق تي عمل ڪريون ۽ پورهئي کان ڪڏهن به عار نه ڪريون.

## مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) مسجد نبويءَ جي اَڏاوت لاءِ زمين ڪنهن کان خريد ڪئي وئي؟

( ب ) مسجد نبويءَ جي اڏاوت ۾ پاڻ سڳورن ڪهڙو حصو ورتو؟

( ج ) پاڻ سڳورن جي ڪم ڪرڻ مان اسان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي؟



www.perfect24u.com

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| ڳُڻ | | |
| اوج | | |
| راس | | |
| تعمير | | |
| تاڪيد | | |

3 . هيٺين لفظن جا ضد لکو:

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| شروع | | زمين | |
| دوست | | ڪچي | |
| فرش | | حلال | |

4 . هيٺيان خال پريو:

(الف) انهيءَ زمين جي ٽڪري تي جهنگ هو، جتي................. جا ڪجهه وڻ به بيٺل هئا.

( ب ) پورهيت خدا جو ................ آهي.

( ج ) مسجد نبويءَ جون پيتيون ................... مان ٺاهيون ويون.

( د ) پاڻ سڳورن جي ڏنل سبق تي عمل ڪريون ۽ پورهئي کان ڪڏهن به ............... نه ڪريون.



www.perfect24u.com

مفت ورهاست لاءِ

5. اهڙا ڏهه اسم لکو، جيڪي ساهوارن، جاين ۽ شين جا نالا هجن.

6. تصوير ۾ رنگ ڀريو.



**ياد رکو ته:**

اسم معنيٰ نالو- ڪنهن به ساهواري، جاءِ ۽ شيءِ جي نالي کي اسم چئبو آهي.

**جيئن:** ڳئون، چوڪر، ميز، ڪتاب، اسڪول عام نالا آهن. اهي اسم عام سڏبا آهن.



www.perfect24u.com

مفت ورهاست لاءِ

سبق ٽيون

# نعت

**سکيا جي حاصلات**

- نبي پاڪؐ جي ساراهہ لکڻ.
- نبي پاڪؐ جا انسانن تي ٿورا لکڻ.
- نبي پاڪؐ جي دنيا وارن تي برڪت ۽ رحمت ٻڌائڻ.
- نعت شريف جي بيت کي مڪمل ڪرڻ.



محبت جنهن جي فطرت هئي، صداقت جنهن جي سيرت هئي،
عبادت زندگي ۽ زندگي، جنهن جي عبادت هئي.

ڪڏهن ڪنهن سان عداوت هئي، نہ ڪنهن جي لاءِ نفرت هئي،
محمّدؐ جي نظر ۾، هر بشر جي لاءِ عزت هئي.

ڪکر وانگر وسايو مينهن، جنهن پنهنجي مروت جو،
بنا ڪنهن فرق جي پنهنجن، پراون تي عنايت هئي.

نظر ۾، سوچ ۾، گفتار ۾، ڪردار ۾ جنهن جي،
اوّل کان تا اَبد قائم، رهڻ واري حقيقت هئي.

اتي ماحول پيدا ٿيو، محبت جو اُخوت جو،
جتي ويچا ئي ويچا هئا، جتي نفرت ئي نفرت هئي.

عبدالحليم ’جوش‘



www.perfect24u.com

مفت ورهاست لاءِ

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) شاعر هن نظم ۾ ڪنهن جي تعريف ڪئي آهي؟

( ب ) نبي سڳوري جي واڪاڻ شاعر ڪهڙن لفظن ۾ ڪئي آهي؟

( ج ) حضرت محمّد صَلّي اللهُ عَليه وَآلهِ وَسَلَمَ جن جي پيدا ٿيڻ کان اڳ دنيا جي ڪهڙي حالت هئي؟

( د ) اللّٰه جي رسول صَلّي اللهُ عَليه وَآلهِ وَسَلَمَ جن جي ڏنل سبق مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڳولي لکو:

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| صداقت | | عنايت | |
| مروت | | اُخوت | |
| بشر | | عداوت | |

3 . هيٺيون سٽون مُڪمل ڪريو:

* محبّت جنهن جي فطرت هئي، ..........................................................
عبادت زندگي ۾ زندگي، ..........................................................

* ڪکر وانگر وسايو مينهن، ..........................................................
بنا ڪنهن فرق جي پنهنجن، ..........................................................

سرگرمي: هيءَ نعت سُر سان ٻُڌايو.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- حضرت عثمان غنيؓ جي خوبين بابت ڄاڻڻ.
- سبق ۾ آيل لفظن جي معنيٰ سکڻ.
- ٻِڌا لفظ سکڻ.
- ساڳي معنيٰ وارا لفظ سکي استعمال ڪرڻ.

## سبق چوٿون

# حَضرت عُثمان غَنِي رَضي اللهُ عَنهُ

حضرت عثمان غني رضي اللهُ عَنه، مسلمانن جو ٽيون خليفو ٿي گذريو آهي. هو اسان جي پياري نَبِي ڪَريم صَلَّي اللهُ وَآلِه وَسَلَّمَ جن جو پيارو صحابي هو. حضرت عثمان غني رضي اللهُ عَنه جي طبيعت نهايت سنجيده ۽ انصاف پسند هئي. حضرت ابوبڪر صديق رضي اللهُ عَنه جڏهن کين اسلام جي دعوت ڏني، تڏهن هن بنا دير ايمان آندو.

بين اصحابن وانگر حضرت عثمان غني رضي اللهُ عَنه بہ، الله تعاليٰ جي راضپي توڙي عام ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ هر وقت تيار رهندو هو. الله تعاليٰ کيس دولتمند تہ اڳيئي بڻايو هو، ويتر جو پاڻ سڳورن جي صحبت نصيب ٿيس تہ هو اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت لاءِ جاني ۽ مالي قرباني ڪرڻ ۾ اڳرو رهيو.

مسلمانَ جڏهن مڪي شريف کان هجرت ڪري مديني شريف آيا تڏهن کين پيئڻ جي پاڻيءَ جي ڏاڍي تڪليف پيش آئي. شهر جي ويجهو 'رومہ' نالي مٺي پاڻيءَ جو هڪ کوهہ هوندو هو، جيڪو هڪ يهوديءَ جي ملڪيت هو. اُهو يهودي ايترو تہ ظالم ۽ لالچي هوندو هو، جو پاڻي بہ پيسن تي وڪڻندو هو. جيڪو کيس پيسا ڏيندو هو تنهن کي پاڻي پرڻ ڏيندو هو ۽ جنهن غريب وٽ پيسا نہ هوندا هئا تنهن کي پاڻي پرڻ نہ ڏيندو هو. خاص ڪري مسلمانن سان تہ هن جو ويرُ هوندو هو.

حضرت عثمان غني رضي اللهُ عَنه جهڙي سخي ۽ رحمدل انسان کان، مسلمانن جي اها حالت ڏٺي نٿي ٿي، سو پاڻ پنهنجي هڙان اُن يهوديءَ کي وِيهہَ هزار درهم ڏئي، اُهو کوهہ خريد ڪري، مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيو، جنهنڪري مسلمانن کي وڏو فائدو رَسيو.



www.perfect24u.com

حضرت عثمان غني رضي الله عنه پنهنجي دولت اسلام ۽ مسلمانن جي عام ڀلائيءَ جهڙن ڪمن ۾ خرچ ڪري مسلمانن لاءِ هڪ سُنو مثال پيش ڪيو. اسان جي ملڪ جي سرنديءَ پڄنديءَ وارن مسلمانن کي بہ انهيءَ مثال کي سامهون رکي اسلام ۽ مسلمانن جي خدمت ڪرڻ گهرجي.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) حضرت عثمان غني رضي الله عنه کي الله تعاليٰ ڪهڙين خوبين سان نوازيو هو؟

( ب ) مٺي پاڻيءَ جي کوهہ جو نالو ڇا هو؟

( ج ) حضرت عثمان غنيؓ اُهو کوهہ ڪنهن کان خريد ڪيو هو؟

( د ) حضرت عثمان غنيؓ يهوديءَ کان کوهہ ڪيترن درهمن ۾ خريد ڪيو؟

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| غني | | |
| پنهنجي هڙان | | |
| کَهل | | |
| سرندي پڄندي | | |
| ويرُ | | |
| دولتمند | | |



www.perfect24u.com

3 . هيٺين لفظن جا ضد لکو:

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| دير | | غريب | |
| عام | | سخي | |
| ظالم | | سُنو | |

4 . ’سرندي پُڄندي‘ ٻِتو لفظ آهي. توهان اهڙا ڪي ٻہ ٻيا پنج ٻِٽا لفظ لکي ڏيکاريو.

5 . جمع ۽ واحد لکو:

| جمع | واحد | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| پيارا | | فائدو | |
| ڪوهَ | | تڪليف | |
| پيسا | | مسلمان | |

‘ ’



www.perfect24u.com

سبق پنجون

# آڪاش مَندَل

**سکيا جي حاصلات**

- آڪاش منڊل بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- شمسي نظام بابت آگاهي حاصل ڪرڻ.
- زمان ماضيءَ کي زمان مستقبل ۾ بدلائڻ.
- نوان لفظ لغت مان ڏسي معنائون ٻڌائڻ ۽ جملن ۾ استعمال ڪرڻ.
- مناسب لفظن سان خال ڀرڻ.



توهان رات جو اُڀ ڏي ضرور نهاريو هوندو. اُڀ ۾ تارن جي ٽِمَ ٽِمَ ڪيڏي نہ وڻندڙ هوندي آهي. اونداهي رات ۾ تہ اُڀ تي ٽمڪندڙ تارن جو نظارو دل کي اڃا بہ وڌيڪ لُڀائيندڙ ۽ موهيندڙ لڳندو آهي. تارا ڏينهن جو بہ هوندا آهن پر سج جي تيز روشنيءَ سبب نظر نہ ايندا آهن. رات جو اُڀ تي تارن جي پکڙيل نکٽن واري مانداڻ کي آڪاش مَندَل چئجي ٿو.

تارا اهڙيون ڪائناتي ۽ قدرتي شيون آهن، جيڪي گرمي، روشني ۽ ڪِرڻا پيدا ڪن ٿيون. سج بہ هڪ تارو آهي. سج ۽ ان جي چوڌاري گردش ڪندڙ شين کي شمسي نظام چئبو آهي. هن شمسي نظام ۾ گِرهَ ۽ اُپ گِرهَ اچي وڃن ٿا. تاري کي پنهنجي روشني هوندي آهي، پر گرھ يا اُپ گرھ کي پنهنجي روشني نہ هوندي آهي. ننڍا وڏا گِرهَ سج جي چوڌاري گردش ڪندا آهن. اُپ گِرهَ وري گِرهَ جي چوڌاري چڪر لڳائيندا آهن. اسان جي ڌرتي بہ هڪ گرھ آهي ۽



www.perfect24u.com

چَندُ اسان جي ڌرتيءَ جو هڪ اُپ گِرهه آهي جيڪو اسان جي ڌرتيءَ جي چوڌاري ڦري ٿو. اڳ ۾ مُکيه نَوَ گِرهَه ڄاڻايا ويندا هُئا، پر 2006ع کان پوءِ نئين تحقيق موجب اَٺ وڏا گِرهَه: زمين، مريخ، عطارد، زهره، مشتري، زحل، يورينس ۽ نيپچُون آهن. پلوٽو ۽ ٻيا ننڍا گِرهَه آهن.

آڪاش مَندَل ۾ ڪي تارا الڳ الڳ ڏسبا آهن، ڪي مختلف جُهرمٽن جي صورت ۾ نظر ايندا آهن. انهن جُهرمٽن جا نالا آسمان ۾ انهن جي بيهڪ جي ڪري پيل آهن. جيئن ٽيڙُو، ڪٽ، ڪَتِيءَ، وڇون وغيره. ٽيڙُوءَ ۾ ٽن تارن جي قطار ٺهي ٿي ۽ ڪٽ ۾ چار تارا نظر ايندا آهن. ڪن تارن جا خاص نالا به آهن جيئن قطب تارو، وِهاڻُو يا اَسُر وارو تارو وغيره.

آڪاش مندل ۾ ڪهڪشائُون به آهن. ڪهڪشائُون به ستارن جا جُهرمٽ آهن. اسان جو سج هڪ بي ترتيب ڪهڪشان جي نظام جو حصو آهي.

آڪاش مندل ۾ ڪڏهن ڪڏهن پُڇَڙ تارا به ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پُڇَڙ تارا جيئن ئي سج جي ويجهو ايندا آهن ته، سج جي گرميءَ تي انهن جا برفاني ته رِجَڻ شروع ٿيندا آهن ۽ انهن مان خارج ٿيندڙ دونهين جهڙي وڏي اڇي شيءِ پُڇ وانگر نظر ايندي آهي.

مٿي ڄاڻايل سموريون ڳالهيون نظام شمسي يا آڪاش مندل جو حصو آهن.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) آڪاش مندل يا شمسي نظام جا ڪي چوندا آهن؟
( ب ) تارا ڇا آهن؟
( ج ) سج ڇا آهي؟
( د ) گرهه ۽ اُپ گرهه ۾ فرق ٻڌايو؟
( هه ) ڪهڪشان جا ڪي چئجي ٿو؟
( و ) پُڇڙ تاري بابت اوهان ڪي ڪهڙي ڄاڻ آهي؟



www.perfect24u.com

2 . توهان رات جو اُپ ڏانهن ضرور نهاريو هوندو هن جملي ۾ ’نهاريو‘ فعل ماضي آهي.

’نهاريو‘ کي بدلائي ’نهاريندا‘ لکنداسين تہ فعل جو زمانو بدلجي ويندو، انهيءَ زماني کي زمان مستقبل چئبو آهي. مستقبل معنيٰ ايندڙ وقت.
هيٺين فعلن جي زمان کي بدلائي زمان مستقبل ٺاهيو:

لکيو - آيو - پڙهيو - ڳالهايو - ويا

3 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي لکو ۽ جملن ۾ ڪتب آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| آڪاش | | |
| منڊل | | |
| نظارو | | |
| گردش | | |
| جهرمٽ | | |

4 . مناسب لفظن سان خال پريو:

* آڪاش کي ________ بہ چئبو آهي. (زمين - اُڀُ - چنڊ - تارو)
* زمين هڪ ________ آهي. (اُپ گرهہ - گرهہ - تارو - نکٽ)
* ٽن تارن جي قطار کي ________ چئبو آهي. (ڪَتي - وِهائو تارو - ٽيڙو - ڪَٽ)



www.perfect24u.com

سبق ڇهون

# هَلو سَبز پَرچَم اُڏاري هَلو

**سکيا جي حاصلات**

- وطن جي حب واري نظم کان علاوه ٻيا شعر ٻڌائڻ.
- خال ڀري شعر مکمل ڪرڻ.
- قافيي بابت سکڻ / معلومات حاصل ڪرڻ.
- نظم کي سُر ۽ لئه سان پڙهڻ.



وطن جي چمن کي سنواري هلو،
سنواري، سُڌاري، اُجاري هلو.

سخا جي نظر سان نهاري هلو،
وفا جي اکر کي اُڀاري هلو.

سوين سِڄَ اُڀ تي اُڀاري هلو،
سڄو ساٿُ ساري سنياري هلو.

ڪدورت ۽ ڪيني کي دل مان ڪڍي،
فقط ديس جو ڌيان ڌاري هلو.

جبل، جهنگ، دريا لتاڙي لنگهو،
ڏکن جي تہ ڏونگر کي ڏاري هلو.

ڪَچائي، ڪُپت، ڪوڙُ ڪوري ڪڍو،
صداقت ۽ سچ جي سَهاري هلو.

بلنديءَ جي عظمت جا ڪوڙي عَلَمَ،
زماني کي حيرت ڏياري هلو.

ڪنارا اچي نيٺ چُمندا قدم،
تَوڪل جي تُرهي کي تاري هلو.



www.perfect24u.com



هلڻ جو، وڏڻ جو، بِگلُ تو وڄي،
أتو قافلي، کي اشاري هلو.

امانت اوهان کي، تي سُونهي "سليم"،
هلو سبز پرچم أڏاري هلو.

سليم ڳاڙهوي

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن نظم مان توهان کي کهڙو بند وڌيڪ پسند آهي؟

( ب ) اهو بند توهان کي وڌيڪ ڇو پسند آهي؟

( ج ) وطن جي حُب جا کي بيا شعر توهان کي ياد هُجن ته ٻُڌايو؟

2 . هيٺيان بند مکمل ڪريو:

* ڪچائي، ڪُپت، ڪوڙُ ..........................،
.................................... جي سَهاري هلو.

* جبل، جهنگ، دريا ..............................،
............................ ڏونگر کي ڏاري هلو.

* هلڻ جو، وڏڻ جو ................................،
.................................... کي أٽاري هلو.

3 . بيت ۾ ڪم آيل هم آواز لفظن جي چونڊ ڪريو: جيئن: سنواري / نهاري

ياد رکو ته: نظم ۾ اهڙن هم آواز لفظن کي "قافيو" به چئبو آهي.

سرگرمي: (1) هن نظم کي سُر سان ڳائي ٻُڌايو.

(2) وطن جي جهنڊي بابت پنج جملا لکو.



www.perfect24u.com

سبق ستون

# صوفي شاه عنايت شهيدؒ جو ميلو

**سکيا جي حاصلات**

- سنڌ جي ثقافت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- شاهه عنايت جي باري ۾ ڄاڻڻ.
- اسم خاص جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- مناسب لفظن سان خال پرڻ.
- مختصر مضمون لکڻ.



سنڌ، صوفين ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي، جن هميشه پيار، محبت ۽ امن جو سبق ڏنو آهي. اُنهن بزرگن جي پيار، امن، پائيپي ۽ اتحاد جي تعليم ۽ تربيت جي اثر ڪري هتي جا ماڻهو سدائين کان پيار ۽ امن جا پيروڪار رهيا آهن. سنڌ جو ڪوبہ اهڙو واهڻ يا وسندي نہ آهي، جتي اهڙن صوفين ۽ بزرگن جي ڪا مزار نہ هجي. انهن مزارن تي هر سال ميلا لڳندا آهن.

سنڌ ۾ لڳندڙ ميلا، سير ۽ تفريح سان گڏوگڏ وڻج واپار جو پڻ هڪ اهم وسيلو آهن. انهن ميلن ۾ جتي بزرگن سان عقيدت جو اظهار ڪيو ويندو آهي. اُتي لکين آيل عقيدتمندن ۽ زيارتين لاءِ تفريح جو بہ انتظام ڪيو ويندو آهي. زرعي نمائشون، ادبي ڪانفرنسون ۽ مشاعرا ٿيندا آهن. مختلف هُنرن جا اسٽال، سرڪس، جهولا، رانديڪن، مناين ۽ ڪاڏي پيتي جا دُڪان بہ لڳايا ويندا آهن.



www.perfect24u.com

ميلن جي بازارن ۾ وڏو ڪاروبار ٿيندو آهي. سوين دُڪاندار جتي منافعو ڪمائيندا آهن، اُتي ماڻهن جي تفريح ۽ وندر جو سامان بہ مهيا ٿئي ٿو. سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي ننڍا توڙي وڏا ميلا لڳندا آهن. صوفي شاهہ عنايت شهيدؒ جو ميلو انهن ميلن کان ڪجهہ مختلف آهي.

شاهہ عنايت جو پورو نالو شاهہ عنايت الله ولد مخدوم فضل الله آهي. سندن وڏا بغداد جا هئا، جتان لڏي اچي 'اُچ شريف' ۾ رهيا. ان کان پوءِ سنڌ جي ڳوٺ 'نصريہ' ۾ آباد ٿيا. ان بعد 'ميران پور' ۾ اچي رهيا، جيڪو موجوده 'جهوڪ شريف' جي اوپر پاسي ويجهو آهي.

صوفي شاهہ عنايت، ميران پور ۾ سن 1066هہ مطابق 1654ع ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم عربي، فارسي ۽ قرآن مجيد مڪمل ڪري، جوانيءَ ۾ ملتان جي بزرگ، ڪامل درويش شاهہ شمس کان فيض حاصل ڪيائين. اُن کان پوءِ حيدرآباد دکن ۾ شاهہ عبدالملڪ برهانپوريءَ جي صحبت ۾ پنج ورهيہ گذاريائين ڪيس شاهہ عبدالملڪ هڪ ڳاڙهو خرقو، ترار ۽ ٽوپي ڏئي 'صوفيءَ' جي لقب سان نوازيو ۽ هدايت ڪيائينس تہ سنڌ ۾ وڃي خلق جي خدمت ڪرِ. آخرڪار شاهہ عنايت ٺٽي ۾ آيو. هتي فقيري نموني سان زندگي گذارڻ لڳو ۽ ماڻهن جي ساڻس عقيدت ۽ محبت وڌڻ لڳي، ڪجهہ وقت کان پوءِ ٺٽو ڇڏي اچي 'ميران پور' ۾ رهيو.

ميران پور ۾ قيام دوران، سندس فقيريءَ جي هاڪ هر هنڌ پکڙجي وئي. پري پري کان مريد ۽ عقيدتمند اچي کانئس روحاني فيض حاصل ڪرڻ لڳا. شاهہ عنايت کي هارين ۽ غريبن سان گهڻي همدردي هئي، اُن ڪري هن هارين جي حقن جي حمايت ڪئي ۽ پيغام ڏنائين تہ: "جو کيڙي سو کائي"، جيڪا ڳالهہ پرپاسي جي باثر زميندارن ۽ وڏن ماڻهن کي پسند نہ آئي. اهي وقت جي حاڪمن سان گڏجي شاهہ عنايت ۽ سندس فقيرن جي خلاف ٿي پيا.

سن 1128هہ مطابق 1715ع ۾، نواب اعظم خان، مغلن پاران ٺٽي جو



www.perfect24u.com

گورنر مقرر ٿي آيو. هن، شاهه عنايت ۽ سندس فقيرن کان ڏَلَ جي گُهر ڪئي. انڪار ڪرڻ تي نواب اعظم خان، مقامي حاڪمن ۽ بااثر ماڻهن جي مدد سان وڏو لشڪر وٺي ميران پور جو گهيرو ڪيو. هي گهيرو ڇهه مهينا هليو. آخر صوفي شاهه عنايت کي 17 صفر سن 1130هه مطابق 1718ع ۾، دوکي سان شهيد ڪيو ويو. سندس آخري آرام گاهه جهوڪ شريف ۾ آهي. جتي هر سال 17 صفر کان ٽي ڏينهن شاندار ميلو لڳندو آهي. اُتي وڏي تعداد ۾ مُريد ۽ عقيدتمند ايندا آهن. ميلي جي موقعي تي صوفياڻو ڪلام ڳايو ويندو آهي.

## مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) صوفي بزرگن ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟
( ب ) ميلن ۾ ڪهڙي قسم جي تفريح هوندي آهي؟
( ج ) صوفي شاهه عنايت هارين جي حقن لاءِ ڪهڙو پيغام ڏنو؟
( د ) صوفي شاهه عنايت جي شهادت وقت ٺٽي جو گورنر ڪير هو؟
( هه ) صوفي شاهه عنايت شهيد جو ميلو ڪڏهن ۽ ڪٿي لڳندو آهي؟

2. هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ پنهنجن جملن ۾ ڪتب آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| تفريح | | |
| واهڻ | | |
| درس | | |
| تفسير | | |
| منافعو | | |



www.perfect24u.com

3 . هن سبق ۾ ڪم آيل لفظ:

شاهه عنايت - بغداد - جهوڪ وغيره اسم خاص آهن.

جيڪي نالا ڪنهن خاص شخص، جڳهه يا شيءِ جا هوندا آهن، تن کي اسم خاص چئبو آهي، توهان به اهڙا پنج اسم خاص سبق مان ڳولي لکو.

4 . هيٺيان خال ڀريو:

(الف) صوفي شاهه عنايت شهيدؒ جي مزار ................................... ۾ آهي.

( ب ) هن بزرگ جو هر سال ميلو .................... تي لڳندو آهي.

( ج ) ميلي جي موقعي تي ........................... ڪلام ڳايو ويندو آهي.

( د ) هن بزرگ جا وڏا اصل ............................... جا هئا.

( ه ) ميران پور ۾ رهڻ دوران سندن فقيريءَ جي .................. هر هنڌ پکڙجي وئي.

5 . تصوير سُجاڻو:



سرگرمي: اوهان ڪنهن به ڏڻل ميلي جو مختصر احوال لکو.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- هولي جي ڏڻ بابت ڄاڻ.
- سنڌ جي ثقافت جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- نون لفظن کي جملن ۾ استعمال ڪرڻ.
- مذهبي ڏڻن جو احترام سکڻ.
- زمان ماضي جي جملن کي زمان حال ۾ بدلائڻ.

سبق انون

# هولِي

هولي هندو ڌرم وارن جو هڪ اهم ڌرمي ڏڻ آهي. آڳاٽي زماني ۾ هندستان ۾ هرناڪش نالي هڪ راجا راڄ ڪندو هو. هڪ ڀيري هُن پوڄا ۾ دعا گهري ته: ”مون کي اهڙي طاقت ملي، جو آءٌ نه تير سان مري سگهان نه تلوار سان، نه گهر جي اندر مران نه گهر کان ٻاهر، نه مون کي ڪو زمين تي ماري سگهي، نه آسمان تي، نه ڪنهن انسان کان مري سگهان نه جانور کان، نه ڏينهن جو مران نه وري رات جو.“ چون ٿا ته: ”هُن جي دعا اگهامي وئي. راجا طاقت جي نشي ۾ اچي اعلان ڪرايو ته: ”هاڻي مون کان وڏيڪ ڪوبه طاقتور نه آهي، تنهنڪري اوهان سڀني کي منهنجي پوڄا ڪرڻ گهرجي.“

راجا کي پهلاج نالي هڪ پٽ هو. اُهو جڏهن وڏو ٿيو ته راجا کيس تعليم ۽ تربيت لاءِ اُستاد وٽ ڇڏيو. استاد کيس هڪ ئي پالڻهار جي پوڄا ڪرڻ ۽ اُن کي ئي مڃڻ جي نصيحت ڪئي. تڏهن هن اهو سمجهيو ته: ”منهنجو پيءُ هن سنسار جو خلقڻهار نه آهي. اهو سوچي هُو ماڻهن ۾ پرچار ڪرڻ لڳو ته هِن سموري ڪائنات جو خلقيندڙ هڪ خدا آهي. اُن جي ئي پوڄا ڪرڻ گهرجي.“

جڏهن راجا ڏٺو ته سندس پٽ، سندس راڄ کي گمراهه ڪري رهيو آهي، تڏهن پٽ کي حڪم ڏنائين ته: ”تون اها ڳالهه ڇڏي ڏي.“ پر هُو نه مُڙيو. نتيجي ۾ ماڻهو راجا جي خلاف ٿي پيا ۽ پهلاج کي ’سچو ڀڳت‘ سمجهڻ لڳا.

راجا کي اِها ڳالهه نه وڻي ۽ هُو پهلاج کي مارائڻ لاءِ سِٽون سِٽڻ لڳو. هُن کيس جبل جي چوٽيءَ تان ڌڪو ڏياريو، سمنڊ ۾ ٻوڙي مارڻ لاءِ لوڙهيو، پر هُو بچي ويو. راجا کي پريشان ڏسي، سندس ڀيڻ هولڪا وٽس آئي ۽



www.perfect24u.com

چيائينس تہ:”مون وٽ هڪ اهڙي چادر آهي، جنهن کي جيڪو بہ پنهنجي جسم تي ويڙهيندو، تنهن کي باهہ نہ ساڙيندي. تون باهہ جو وڏو مچ ٻاراءِ. آءٌ اُن ۾ اُها چادر ويڙهي ويندس. پوءِ پهلاج کي چئو تہ جيڪڏهن تون سچ تي آهين تہ هن مچ ۾ گهڙُ! هو جڏهن باهہ ۾ ايندو تہ سڙي خاڪ تي ويندو ۽ تنهنجي هُن مان جِند ڇُٽي پوندي.“

راجا کي اِها ڳالهہ وڻي. هُن هڪدم مچ ٻارايو. هولڪا چادر ويڙهي وچي اُن ۾ ويٺي. پهلاج بہ ڏٽيءَ کي ياد ڪري مچ ۾ ٽپي پيو. اُن مهل قدرت سان هڪ وڏو طوفان آيو. هولڪا جي چادر اُڏامي وڃي پهلاج تي پئي. هولڪا سڙي خاڪ تي وئي ۽ پهلاج صحيح سلامت ٻاهر نڪري آيو. ماڻهو ’سچ جي جئہ‘ جا نعرا هڻڻ لڳا.

ان کانپوءِ راجا هڪ ٻي سِٽ سِٽي. هن لوهہ جو هڪ وڏو ٿنڀ باهہ ۾ تپائي ڳاڙهو ڪرايو ۽ پهلاج کي للڪاري چيائين تہ:”جيڪڏهن تون سچو آهين تہ هِن ٿنڀي کي ڀاڪر پائي ٻيهہ.“ جڏهن پهلاج ٿنڀي ڏانهن ڏٺو تہ مٿان ان جي هڪ ماڪوڙي گذري رهي هئي. پوءِ هن جو ڊپ ختم ٿي ويو ۽ ڊوڙي وڃي ٿنڀي کي ڀاڪر پاتائين. قدرت سان ٿنڀو نڪاءَ ڪري ڦاٽي بہ اڌ ٿي پيو ۽ اُن مان ’نرسنگهہ‘ نڪري نروار ٿيو. نرسنگهہ جي جسم جو اڌ شينهن جو ۽ اڌ ماڻهوءَ جو هو.

سانجهي ٿي، تہ نرسنگهہ، راجا هرناڪش کي جهلي، پنهنجي گوڏن تي رکيو ۽ دربار جي چانئٺ تي ويهي، پنهنجا ننهن سندس ڇاتيءَ ۾ کُپائي ڪيس ماري ڇڏيائين. پوءِ هُن پهلاج کي هرناڪش جي گاديءَ تي ويهاريو.

هندو ڌرم جا پوئلڳ هولڪا جي سڙي خاڪ ٿيڻ واري ڏينهن تي خوشيءَ ۾ ’سچ جي جئہ‘ چئي، هر سال ڦڳڻ مهيني جي ٻارهين تاريخ تي ڌوم ڌام سان ’هوليءَ‘ جو ڏهاڙو ملهائيندا آهن.

هوليءَ جي موقعي تي رات جو هر گهر ۾ باهہ جو مچ ٻاريو ويندو آهي،



www.perfect24u.com

جنهن ۾ ٻاڙهي ڏاڍي سان ويڙهيل اٽي جو مِنو لولو پچائبو آهي. لولو پچي ويندو آهي، پر ڏاڍو اهڃاڻ طور نہ سڙندو آهي. ڏاڍي جي سلامت هجڻ کي ’سچ جي جئہ‘ چيو ويندو آهي.

هوليءَ جي ٻئي ڏينهن تي ڌوڙيو ٿيندو آهي. انهيءَ موقعي تي هندُو رنگن جون پچڪاريون پري، مِٽن مائٽن ۽ دوستن تي اُجلي محبت ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) راجا هرناڪش ڪهڙي دعا گهري هئي؟
( ب ) راجا هرناڪش جي پٽ جو نالو ڇا هو؟
( ج ) پهلاج ڀڳت، پيءُ جي خلاف ڇو ٿيو؟
( د ) هولڪا ڪير هئي ۽ سندس موت ڪيئن ٿيو؟
( هـ ) هولي ڪهڙي مهيني ۾ ملهائبي آهي؟
( و ) هوليءَ جي ٻئي ڏينهن کي ڇا سڏبو آهي؟
( ز ) راجا هرناڪش جو موت ڪيئن ٿيو؟

2. هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| خلقٽهار | | |
| ڦٻڻ | | |
| سنسار | | |
| جئہ | | |
| پرچار | | |



www.perfect24u.com

3. هيٺ ڏنل جملن کي زمان ماضيءَ مان زمان حال ۾ بدلايو:

**جيئن** : پهلاج آيو - پهلاج اچي ٿو.

- هريش ماني کاڌي. ..........................................
- سيتا اسڪول وئي. ..........................................
- اسڪول جو گھنڊ وڳو. ..........................................

4. تصوير ۾ مناسب رنگ ڀريو:



ياد رکو ته:

* ڦڳڻ مهينو وڪرمي سال جو ٻارهون مهينو آهي.
* عيدالفطر ۽ عيد الاضحيٰ مسلمانن جا وڏا ڏينهن آهن.
* ڪرسمس عيسائين جو وڏو ڏينهن آهي.
* هولي ۽ ڏياري هندن جا وڏا ڏينهن آهن.

اسان سڀني کي سمورن مذهبي ڏِڻن جو احترام ڪرڻ گھرجي.



www.perfect24u.com



## سبق نائون

# پيارا وطن

**سکيا جي حاصلات**

- نظم مان لطف وٺڻ.
- اسم عام ۽ اسم خاص جي سڃاڻپ ڪرڻ.
- نظم پڙهي ان جو تت ٻڌائڻ.
- وطن جي حب بابت ڪي جملا لکڻ.
- نظم کي زباني سُر سان ٻڌائڻ.






منهنجا وطن پيارا وطن، اکڙين سندا تارا وطن!
اي دوست دل وارا وطن، هر جاءِ هاڪارا وطن!

تون ئي جياپو جان جو، تو سان سندم جيءَ جون جڙيون،
توسان اَڙيو مَن آ سَندمُ، اي سرس سُونهارا وطن!

منٺا وطن تنهنجي مٿان، سِر ساهه سڀ گهوري ڇڏيان!
تنهنجو نہ مَٽ ڪو ديس ٻيو، محبوب موچارا وطن!

سُکيو ستابو شل رهين، ڪوسو لڳي توکي نہ واءُ،
ماکي ۽ مصريءَ کان مِٺا، اي جان کان پيارا وطن!

تنهنجي مٽيءَ ۾ مُشڪُ ۽ تنهنجي هوائن ۾ هُڳاءُ،
مهراڻ جي هر موج، ڄڻ امرت سندي ڌارا وطن!

منهنجا وطن، شل شَهَرَ ۽ سڀ ڳوٺڙا تنهنجا وسن،
رحمت سندا تو تي ڪڪر ڪن خوب وسڪارا وطن!

منهنجا محبت جا ”سليم“ آهن، سوين تو تي سلام،
منٺار موچارا وطن، او سُونهن سِڪ وارا وطن!

سليم ڳاڙهوي



www.perfect24u.com

## مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن نظم مان توهان کي ڪهڙو بند وڌيڪ وڻيو ٿو؟

(ب) اهو بند توهان کي ڇو ٿو وڻي؟

(ج) هن نظم جي ڪنهن به هڪ بند جي سمجهاڻي ڏيو.

2. هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| هاڪارا | | |
| سرس | | |
| سونهارا | | |
| هڳاءُ | | |
| مهراڻ | | |

3. وطن سان محبت جي باري ۾ شاعر ڇا ٿو چئي؟ لکي ڏيکاريو.

4. هيٺ ڏنل اسمن مان اسم عام ۽ اسم خاص چونڊي ڌار ڪري لکو:

عورت - وڻ - ڪتاب - حيدرآباد - ناصر - گهوڙو - موٽر- ڪراچي - شازيہ

پينسل - تاج محل - اسڪول

| اسم عام | اسم خاص |
|---|---|
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |
| | |

سرگرمي: هن نظم کي سُر سان ٻُڌايو.



www.perfect24u.com

سڪيا جي حاصلات

- علمي، ادبي شخصيت بابت معلومات حاصل ڪرڻ.
- سبق پڙهي خالي جايون پرڻ.
- ڪنهن بہ علمي، ادبي شخصيت بابت لکڻ.

## سبق ڏهون

# محمد عثمان ڏيپلائي



محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو ڳاڻيٽو نامور عالمن، اديبن ۽ صحافين ۾ ٿئي ٿو.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جو جنم 13 جون 1908ع تي، ٿرپارڪر ضلعي جي شهر 'ڏيپلي' ۾ ٿيو. سندس والد حبيب الله هڪ ننڍڙو واپاري هو. محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي شروعاتي تعليم ڏيپلي جي پرائمري اسڪول ۾ ٿي، جتي هو ڇهہ درجا سنڌي پڙهيو. وڌيڪ تعليم جو ڏيپلي ۾ بندوبست نہ هئڻ ڪري اڳتي پڙهي نہ سگهيو، پر پنهنجي ذاتي شوق ۽ محنت سان اردو، عربي، فارسي ۽ هندي چڱيءَ طرح سکي ويو. اسڪول ۾ سندس شمار ذهين ٻارن ۾ ٿيندو هو.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ کي ننڍي هوندي کان ئي لکڻ پڙهڻ جو گهڻو شوق هوندو هو. چوٿين درجي ۾ پنهنجي هم ڪلاسي دوستن لاءِ هٿ سان لکيل هفتيوار اخبار 'فرحت آثار' ڪڍيائين. ان ۾ آکاڻيون، لطيفا ۽ خبرون ڏيندو هو. سن 1924ع ۾ جڏهن 16 ورهين جو هو، تڏهن سندس هڪ تاريخي مضمون دهليءَ مان نڪرندڙ مشهور اردو رسالي 'منادي' ۾ ڇپيو. ڏيپلائيءَ جو پهريون افسانو'چند سهڻو يا انسان' سنڌيءَ جي مشهور رسالي 'ترقي' ۾ ڇپيو، پاڻ 19 ورهين جو هو تہ سندس پهريون ڪتاب 'قرآني دعائون' ڇپيو ۽ ڪيس انعام پڻ مليو.

محمد عثمان ڏيپلائي ڏيڍ سوَ کان مٿي ڪتاب لکيا، جن ۾ تاريخي ناول، ديني ڪتاب، افسانن جا مجموعا ۽ ناٽڪ شامل آهن. سندس مشهور ناولن ۾ 'نُور توحيد' ۽ 'سانگهڙ' شمار ٿين ٿا. 'نُور توحيد' ناول ۾ رسول پاڪ ﷺ جي زندگي، جڏهن تہ 'سانگهڙ' ناول ۾ سنڌين جي انگريز حڪومت سان زبردست ويڙهاند جو احوال آهي. انهيءَ ۾ خاص طور تي سنڌي عورتن جي همت ۽ بهادريءَ



www.perfect24u.com

جا داستان آهن. سندس ديني ڪتابن ۾ ’قرآن شريف‘ جو آسان سنڌي ترجمو به شامل آهي. ان کان سواءِ محمد عثمان ڏيپلائيءَ شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ جو ڪلام گڏ ڪري پاڪيٽ سائيز ۾ ڇپايو.

محمد عثمان ڏيپلائي وڏو صحافي هو. هن ’عبرت‘، ’انسان‘ ۽ ٻيا رسالا ڪڍيا ۽ ويهارو کن ناٽڪ به لکيا.

محمد عثمان ڏيپلائيءَ جون سموريون لکڻيون انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ آهن. هو چاهيندو هو ته انسان غلط ۽ جاهلاڻين ريتن ۽ رسمن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري جڳ ۾ عزت ۽ آبرو ماڻي.

سندس خدمتن جي مڃتا ۾ ڪيس 2004ع ۾ صدر پاڪستان طرفان ’پرائيڊ آف پرفارمنس‘ جو ايوارڊ ڏنو ويو.

محمد عثمان ڏيپلائي 7 فيبروري 1981ع تي وفات ڪئي. سندس آخري آرام گاهه ڪنٽونمينٽ قبرستان حيدرآباد ۾ آهي.

## مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) محمد عثمان ڏيپلائي ڇا جي ڪري مشهور هو؟

(ب) محمد عثمان ڏيپلائي کي ڪهڙو ايوارڊ مليو؟

(ج) محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي مشهور ڪتابن جا نالا ٻڌايو؟

(د) محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي آخري آرامگاهه ڪٿي آهي؟

2. هيٺ ڏنل جملن ۾ خالي جايون ڀريو:

- محمد عثمان ڏيپلائي جو جنم 13 جون ..............ع ۾ ٿيو.
- ڏيپلو شهر .................... ضلعي ۾ آهي.
- محمد عثمان ڏيپلائي ابتدائي تعليم ................... اسڪول مان حاصل ڪئي.
- محمد عثمان ڏيپلائي کي صدارتي ايوارڊ .................... سن ۾ مليو.
- محمد عثمان ڏيپلائي جي وفات .................... سن ۾ ٿي.

3. پنهنجي علائقي جي ڪنهن علمي، ادبي شخصيت بابت مختصر نوٽ لکو.



www.perfect24u.com

سبق يارهون

# موهن جو دڙو

**سکيا جي حاصلات**

- سنڌ جي عظيم تهذيب ۽ ثقافت بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- موهن جي دڙي بابت معلومات حاصل ڪرڻ.
- فاعل جي ڄاڻ پرائڻ.
- غلط جملن کي درست ڪرڻ.
- سبق پڙهي ان جو تت لکڻ.



سنڌو ماٿريءَ جي تهذيب دنيا جي قديم تهذيبن مان هڪ آهي، اها ڄاڻ اسان کي موهن جي دڙي جي آثارن مان ملي ٿي. جيڪا اٽڪل ساڍا پنج هزار سال پراڻي آهي. هي دڙو، لاڙڪاڻي ضلعي ۾، موهن جي دڙي ريلوي اسٽيشن کان ٽيرهن ڪلوميٽر پري آهي. هن دڙي کان سواءِ سنڌ ۾، ٻين ڪيترن ئي قديم شهرن جا نشان موجود آهن، پر هي سڀ کان وڏو دڙو آهي.

انگريزن جي حڪومت ۾ سر جان مارشل نالي هڪ انگريز، قديم آثارن جي ماهر کي حڪومت طرفان انهيءَ ڪم تي مقرر ڪيو ويو ته سنڌ جا قديم آثار ڳولي، انهن جي کوٽائي ڪرائي. هن 1922ع ۾ هن دڙي جي کوٽائي ڪرائي، جنهن مان معلوم ٿيو ته سنڌو ماٿريءَ جو هي علائقو آڳاٽي زماني ۾



www.perfect24u.com

ڏاڍو سُٺريل هو. ان وقت جا ماڻهو هوشيار ۽ هنر وارا هوندا هئا. سندن رهڻي ڪهڻي شاندار نموني جي هوندي هئي ۽ هو ڏاڍا سُکيا ستابا هئا.

ڪوٽائيءَ مان اهو پڻ ڏسڻ ۾ آيو ته هن شهر جون سڀ جايون هوادار ۽ پڪين سِرن جون ٺهيل هيون. انهن مان ڪي ته ٻه ماڙ به هيون. شهر جا رستا ڪشادا ۽ سڌا هئا. رستن جي پاسن کان گندي پاڻيءَ جي نيڪال جون ناليون پڻ هيون ۽ ڀتين جي اوساري گاري سان ٿيل هئي. انهن جون سرون اهڙيون ته مضبوط پڪل هيون جو هزارين سال گذرڻ کان پوءِ اڄ به نيون پيون لڳن! گهرن ۾ پڪا کوهه ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اتي هڪ وڏو تلاءُ موجود آهي. جو 12 ميٽر ڊگهو، 8 ميٽر ويڪرو ۽ اڍائي ميٽر اونهو آهي. اُن جي چوطرف چاڙهيون ٺهيل آهن، جن مان اهو اندازو لڳائجي ٿو ته عام ماڻهو اُتي وهنجندا هئا. شهر جي بازار جا آثار به چٽا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻنهي پاسي دڪانن جا نشان به پڌرا آهن.





هن دڙي کي کوٽيندي هڪ مندر ظاهر ٿيو. جنهن جي چوڌاري ننڍيون ننڍيون ڪوٺيون ٺهيل آهن. جن مان ائين ٿو معلوم ٿئي ته اُهي مندر جي پوڄارين لاءِ ٺهرايون ويون هيون. هن دڙي مان جيڪي سِڪا هٿ آيا آهن تن تي ڍڳي ۽ ٻين شين جون شڪليون به اُڪريل آهن. گهرن کي کوٽيندي سون ۽ چانديءَ جا زيور، ٽامي ۽ ٽڪر جا ٿانوَ توڙي رانديڪا به هٿ آيا آهن. وَڍِ ٽُڪَ جا اوزار پڻ لڌا ويا آهن، جيڪي پٿر جا ٺهيل آهن. ان مان ائين ٿو سمجهجي، ته ان زماني ۾ لوهه کان ڪم نه ورتو ويندو هو. اُتي کي اهڙيون شيون به هٿ آيون آهن. جن مان خبر پوي ٿي ته انهيءَ زماني ۾ ڪڻڪ، جَوَ ۽ وونئڻ پوکبا هئا.



www.perfect24u.com

عمدا عمدا ائٽ پڻ ڏسڻ ۾ آيا آهن، جنهن مان لڳي ٿو ته عورتون گهرن ۾ ڪتڻ جو ڪم ڪنديون هيون. دڙي مان ڪيترن جانورن جون شڪليون پڻ مليون آهن، پر عجب جي ڳالهه اها آهي جو هتي گهوڙي جي ڪابه مورت نظر نه آئي آهي.



موهن جو دڙو هن وقت سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. جڏهن ٻاهرين ملڪن جا ماڻهو هتي ايندا آهن، ته گهڻو ڪري هي آثار ته ضرور ڏسڻ ايندا آهن. سرڪار هتي هڪ عجائب گهر نهرائي اُن ۾ هتي جون لڌل شيون رکائي ڇڏيون آهن. هتي قديم آثارن واري کاتي جي آفيس ۽ سياحن لاءِ مسافرخانو موجود آهي. لاڙڪاڻي ۽ ڏوڪري شهر کان، موهن جي دڙي ڏانهن وڃڻ لاءِ سوارين جو جوڳو بندوبست ٿيل آهي. هتي هوائي اڏو پڻ آهي. هتي ظاهري طرح ته ڦٽل شهر جا نشان آهن، جتي رڳو نڪر ۽ پٿر پيل نظر اچن ٿا، پر ماهرن جي نظر ۾ هيءُ دڙو انساني تهذيب جو وڏو مرڪز آهي، جنهن مان قديم زماني جي ماڻهن ۽ اُنهن جي رهڻي ڪهڻيءَ جي خبر پوي ٿي. مصري، سميري ۽ چيني تهذيبون به دنيا جون قديم تهذيبون آهن.



هن وقت بدقسمتيءَ سان سم ۽ ڪلر اچي منهن ڪيو آهي ۽ آثارن کي وڏو هاڃو رسي رهيو آهي. ماڻهن جي لاپرواهي سبب هن عظيم تهذيب کي نقصان پهچي رهيو آهي.

اسان سمورن کي موهن جو دڙو ضرور ڏسڻ گهرجي ۽ ان جي بچاءَ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهو اسان جو قومي ۽ اخلاقي فرض آهي. هنن آثارن تي سنڌ توڙي پاڪستان کي وڏو فخر آهي. دنيا جي هن عظيم ورثي کي بچائڻ لاءِ يونيسڪو وڏيون ڪوششون ورتيون آهن.



www.perfect24u.com

## مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) موهن جو دڙو ڪٿي آهي؟

( ب ) موهن جي دڙي جي کوٽائي ڪهڙي سال کان شروع ٿي؟

( ج ) ڪهڙي ماهر موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرايو؟

( د ) موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان ڪهڙي چاڻ ملي؟

( هه ) موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان ڪهڙيون شيون مليون آهن؟

2. هيٺ ڏنل لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ لکو:

| لفظ | ساڳي معنيٰ وارا لفظ |
|---|---|
| حيرت | |
| قديم | |
| شامل | |
| چاهه | |
| ڪشادو | |

3. هيٺ ڏنل لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪتب آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| آثار | | |
| سياح | | |
| ماٽري | | |
| ڪُشادا | | |
| اُڪريل | | |



www.perfect24u.com

4. موهن جي دڙي مان لڌل شين بابت حاصل ڪيل ڄاڻ لکي اچو ۽ ٻڌايو تہ اسين موهن جي دڙي تي ڇو فخر ڪندا آهيون؟

5. جملا درست ڪريو:

- هن وقت بدقسمتي اچي سم ڪلر آهي سان ڪيريو مُنهن.
- هن وقت سڄي دنيا موهن جو دڙو ۾ آهي مشهور.

6. ڪم ڪرڻ ڪي فعل ۽ ڪم ڪندڙ ڪي فاعل چئبو آهي.

* اڪبر خط لکيو.
* واڊيو ڪرسي ناهي ٿو.

مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ فاعل آهن. اوهان اهڙا پنج جملا لکو ۽ فاعل هيٺان ليڪ ڏيو.

7. تصوير ڏسو:



معصوم شاهہ جو مُنارو

ياد رکو تہ:

(1) موهن جو دڙو سنڌ جي قديم تهذيب جو نشان آهي.

(2) مصري، سميري ۽ چيني تهذيبون بہ دنيا جون قديم تهذيبون آهن.



www.perfect24u.com

سکيا جي حاصلات
- فطري منظرن ۾ ماحول جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- اسم جي اضافي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- هم قافيا لفظ ٺاهڻ.
- حرف جملي جو استعمال ڪرڻ.
- لفظن جي معنيٰ ۾ استعمال ڄاڻڻ.

## سبق ٻارهون

# نظارا وَطن جا



هي سر سبز ٻنيون ۾ ٻارا وطن جا،
وڻن واهه جو تاءِ نظارا وطن جا.

اڇو ڪيت ڪيڙيون، اڇو سونُ ميڙيون،
ڀلا ڏاند آهن، پيارا وطن جا.

ڪمندُ، ڪڻڪَ، ساريون، ڪپهہ، انبَ، ڪيلا،
سڀنا فصل ميوا، موچارا وطن جا.

هي مزدور هاري، ڪمي ڪاسبي سڀ،
جِيَنِ شال سانگي، سگهارا وطن جا.

هي واڍا، هي رازا، هي ڪوري، هي موچي،
هي لوهارَ پورهيت، پيارا وطن جا.

اسان جو سهارو، وطن ئي تہ آهي،
اسين پاڻ آهيون، سهارا وطن جا.

صُبح جو سويرو، پڙهڻ لئہ وڃون ٿا،
اسين ٻارِڙا چندَ، تارا وطن جا.

وڏي مانَ وارو، وڏي شانَ وارو،
سدا ڀاڳ آهن، ڀلارا وطن جا.

ملي پاڻ ۾ سڀ ننڍا توڙي وڏڙا،
ڪنداسين اي ”آصف“، سُڌارا وطن جا.

احمد خان 'آصف'



www.perfect24u.com

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن نظم مان توهان کي ڪهڙو بند وڌيڪ وڻيو ٿو؟

( ب ) جيڪو بند توهان کي وڌيڪ وڻيو ٿو، اهو ڇو ٿو وڻي؟

( ج ) هن نظم ۾ ڪهڙن ڪهڙن هُنرمندن جو ذڪر ٿيل آهي؟

2. هي نظم زباني ياد ڪري ڪورس جي انداز ۾ ڳائي ٻڌايو.

3. هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملن ۾ لفظ جو استعمال |
|---|---|---|
| سرسبز | | |
| ڀاڳ | | |
| سهارا | | |
| ڪمي | | |
| موچارا | | |

4. لفظ ناهيو، جيئن: ٻار ، ٻارڙا

| ننڍا | وڏا | سُنا | مِنا |
|---|---|---|---|
| | | | |

5 . هم آواز لفظن کي قافيو سڏبو آهي، جيئن ”نظارا، موچارا“.
هن نظم مان ٻيا اهڙا هم آواز لفظ ڳولي لکو.



www.perfect24u.com

6 . هيٺ ڏنل بندَ مڪمل ڪريو:

* اچو ڪيت ................................ اچو سونُ ميڙيون.

يلا............................................. آهن پيارا وطن جا.

* صبح جو سويرو ............................... لئہ وجون ٿاء

اسين........................................... چند تارا وطن جا.

7 . هيٺين لفظن جا جمع ۽ واحد لکو:

| جمع | واحد | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ٻنيون | | سهارو | |
| رازا | | ميوو | |
| پلا | | موچارو | |
| واڍا | | سڏارو | |

8 . اهڙا لفظ جيڪي ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍين يا ڌار ڪن اهڙن لفظن کي حرف جملو چئبو آهي.
جيئن: ۽، يا، پر، ته، ڇاڪ، وغيره. توهين انهن لفظن کي پنهنجن جملن ۾ ڪم آڻيو.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- مارئيءَ جي حب الوطنيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- لوڪ ڪهاڻيءَ کان واقف ٿيڻ.
- اسم عام ۽ اسم خاص ۾ فرق ڪرڻ.
- ڪهاڻي پڙهي ان جو نتيجو بيان ڪرڻ.
- ڪهاڻيءَ کي پنهنجن لفظن ۾ لکڻ.
- نون لفظن کي پنهنجي جملن ۾ استعمال ڪرڻ.
- جملن مان فعل ڳولڻ.

## سبق تيرهون

# عمر مارئي



جنهن زماني ۾ عمر سومرو سنڌ جو حاڪم هو، ان وقت ٿر پرڳڻي جي ڀالوا ڳوٺ ۾، پالڻي نالي هڪ مارُو ماڻهو رهندو هو. هن جي زال جو نالو ماڏوئي هو. کين هڪ ڌيءَ ڄائي، جيڪا ڏاڍي سهڻي هئي. اُن جو نالو مارئي رکيائون. مارئي جڏهن وڏي ٿي ته سنڌس حُسن جي هاڪ هنڌين ماڳين هُلي وئي. پالڻي وٽ ڦوڳ نالي هڪ ڪمي هوندو هو. ڦوڳ جي دل ۾ هو ته مارئيءَ سان شادي ڪريان. هڪ ڏينهن وجهه وٺي پالڻي کان مارئيءَ جو سڱ گهريائين. پالڻي مارئيءَ جو سڱ سنڌس سَوٽ کيت سان اڳيئي ڪري ڇڏيو هو، تنهنڪري هن ڦوڳ کي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڦوڳ ساڙ وچان سِٽ سِٽي ته ڪنهن نموني سڱ نه ملڻ جو پالڻي کان بدلو وٺان.

ڦوڳ عمرڪوٽ پهچي عمر سومري تائين مارئيءَ جي حُسن جي ڳالهه پهچائي. عمر بادشاهه کي جڏهن خبر پئي ته مارئي آهي ته ڌنار جي ڌيءَ پر



www.perfect24u.com

حُسن ۾ چوڏهين جو چنڊ آهي. هاڻي هُو هڪدم مارئيءَ کي ڏسڻ لاءِ آتو ٿي پيو.

هڪ ڏينهن عمر بادشاهي ويس بدلائي، اُٺ تي سوار ٿي ڦوڳ سان گڏ ملير ڏانهن روانو ٿيو. اهو سوچي ته کوهه تي هلي مارئيءَ کي هٿ ڪجي. مارئي سرتين سان گڏ پاڻي پرڻ لاءِ جڏهن کوهه تي آئي ته هنن اوپرا اوٺي ايندي ڏسي پوئتي ورڻ جي ڪوشش ڪئي. ساهيڙيءَ چيس ته ڊڄ نه، هي ڪي مسافر آهن، اُڃ لڳي هوندن، کوهه ڏانهن پيا اچن. پاڻي پيئارڻ ته ثواب جو ڪم آهي. ساهيڙيءَ جي صلاح تي مارئي اجا موٽي ئي مس ته سوار به اچي پهتا. اُٺ ويهاري عمر، مارئيءَ کي چيو ته: ”پاڻيءَ ڍُڪ پِيارِ!“ مارئيءَ جيئن عمر کي پاڻي ڏنو ته هن مارئيءَ کي زوريءَ ٻانهن کان جهلي، اُٺ تي ڪڍي روانو ٿيو ۽ کيس پنهنجي ڪوٽ ۾ اچي قيد ڪيائين.

رات ٿي ته عمر بادشاهه، مارئيءَ وٽ لنگهي آيو. ڇا ڏسي ته مارئي روئي الله کان دعا پئي گهري ته: ”پرور منهنجي پَتِ رکج! منهنجي لوئيءَ جي لڄ سلامت رکج! رَبَّ آءٌ هتي تنهنجي سهاري آهيان“. عمر بادشاهه چيس ته، هاڻي روئڻ مان ڪجهه به نه ورندءِ. تون منهنجي پَٽَ راڻي ٿي رهه. مارئيءَ چيس ته: ”منهنجو سڱُ ڪيت سان ٿيل آهي. آءٌ ان جي امانت آهيان. آس اتم ته جن جي آهيان؛ تن سان شال مِلان! الله لڳ مون کي آزاد ڪري، مارُن ڏانهن موڪل!“

عمر بادشاهه واپس موٽي ويو. سندس خيال هو ته جيئن وقت گذرندو، تيئن مارئيءَ جي مَنَ ۾ به ڦيرو ايندو ۽ منهنجي ڳالهه مڃيندي. هو مارئيءَ کي لالچ ڏيندو رهيو، پر مارئي سارو وقت پکا ۽ پنهوار سنياري رت روئندي رهي. هن کي محلات ۾ رهايو ويو. هر طرح سکيو رکڻ لاءِ آچون ڏنيون ويون پر هن چيو ته: ”آءٌ عمر ڪوٽ جي راڻي ٿيڻ کان ملير جي گولِي ٿيڻ کي وڌيڪ ٿي ڀانيان.“ مارئي بادشاهي طعامن کي زهر برابر سمجهيو ۽ عمر جا پَٽَ پٽيهر ۽ ويس وڳا نه ڍڪيائين، متي تان اباڻي لوئي نه لاٿائين. لوئي ليڙون ٿي ويس، متي ۾ چِيڙهه پئجي ويس، پر تيل ڦليل يا عطر کي هٿ به نه لاتائين.



www.perfect24u.com

هڪ ڏينهن عمر بادشاهه سمجهيو تہ هاڻي مارئيءَ جي مَن ۾ ڦيرو آيو هوندو. اهو سوچي هو وٽس وري هليو ويو. مارئيءَ کيس ليلائي چيو تہ: ”اي بادشاهه! تو مون کي جيئري تہ آزاد نہ ڪيو، پر مارُن کي سارينديءَ جيڪڏهن هتي مري وڃان تہ منهنجو مڙهہ ملير ضرور موڪلجانءِ.“ ان ڳالهہ جو عمر تي اهڙو اثر ٿيو، جو مارئيءَ کي آزاد ڪري پنهنجي ملڪ ملير ڏانهن روانو ڪيائين. اهڙي طرح مارئي پنهنجو ست سلامت رکي پنهنجي ملڪ ملير ۾ مارن سان اچي ملي.

مارئيءَ جي حب الوطنيءَ کي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ ٻين شاعرن خوب ڳايو آهي. لطيف سائينءَ مارئيءَ جي ساڃهہ واري سِٽ کي هينئن ساراهيو آهي:

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هِت مياس،
تہ گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ڏِجُ ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس،
ميا ئي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

## مشق

### 1 . هينئن سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) عمر بادشاهہ ڪٿي جو حاڪم هو؟

( ب ) مارئيءَ جي پيءُ ۽ ماءُ جا نالا ڇا هئا؟

( ج ) مارئيءَ کي عمر سومري ڪٿي آڻي قيد ڪيو هو؟

( د ) مارئيءَ جو سڱ ڪنهن سان ٿيل هو؟

( هہ ) هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙي نصيحت ملي ٿي؟



www.perfect24u.com

2. هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڳولي لکو ۽ اِهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| پرور | | |
| پت | | |
| مارو | | |
| هاڪ | | |
| اوپرا | | |
| حب الوطني | | |

3. هن سبق مان اسم عام ۽ اسم خاص چونڊي جدا جدا ڪري لکو.

4. هيٺ ڏنل جملن مان فعل چونڊيو:

- عمر بادشاهہ مارئيءَ کي کوهہ تان ڪٽي آيو.
- مارئي هميشه مارن ۽ ملير کي ياد ڪندي رهي.
- عمر بادشاهہ مارئيءَ کي آزاد ڪري ملير موڪليو.

ياد رکو تہ:

ضمير خالص - خالص معنيٰ نج

اهڙا ضمير جيڪي فقط ماڻهن جي اسمن (نالن) بدران ڪم اچن تن کي ضمير خالص چئبو آهي.

جيئن: آءٌ - مان -اسين - اسان - تون - توهان - اوهان - اوهين

هي - هيءَ - هو - هوءَ - اُهي - انهن - سندن

سرگرميون:

(1) ٻارو! اوهان کي ٻي ڪا ڪهاڻي ياد هجي تہ ٻڌايو.

(2) عمر مارئيءَ جي ڳالهہ پنهنجن لفظن ۾ لکو.



www.perfect24u.com

### سبق چوڏهون

# سائِي

**سکيا جي حاصلات**

- سائي بابت واقفيت حاصل ڪرڻ.
- سائيءَ جي قسمن ڪي سمجھڻ.
- لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻڻ.
- گفتگو ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- مختصر نوٽ لکڻ جي مشق ڪرڻ.

تنوير: سائين! اڪرم اسڪول ڇو نہ تو اچي؟

استاد: اڪرم کي سائي ٿي پئي آهي.

زاهد: سائين! اها سائيءَ وري ڪهڙي بيماري آهي ؟

استاد: سائي هڪ قسم جي اهڙي بيماري آهي، جنهن ۾ مريض تمام گهڻوڪمزور ٿي ويندو آهي. سندس اکين جو رنگ بہ پِيلو ٿي پوندو آهي ۽ ڪيس ڪاڱو نہ وڻندو آهي.

اعجاز: سائين ! سائي ڪيئن ٿيندي آهي؟

استاد: پُٽ، سائيءَ جو ڪارڻ هڪ جيوڙو آهي، جيڪو جگر يا جيري تي حملو ڪندو آهي ۽ مريض کي خبر ئي نہ پوندي آهي تہ هُو ڏينهون ڏينهن ڇو ڪمزور ٿيندو پيو وڃي. نہ بک لڳندس، نہ رهندس وري بُت ۾ چُستي. ڪيس هلڪو بخار بہ رهندو آهي تہ پيٽ جي ساڄي پاسي سور پڻ رهندو اٿس. دل ڪچي ٿيڻ ۽ پيشاب جو رنگ پِيلو ٿي وڃڻ بہ سائيءَ جي بيماري جون نشانيون آهن .

شبير: سائين! سائيءَ جي سڃاڻپ ڪيئن ٿيندي آهي؟

استاد: هن بيماري جي سڃاڻپ دير سان ٿيندي آهي، جڏهن مريض نبل ۽ رنگ جو پِيلو يا ڦِڪو ٿي ويندو آهي تہ سڃاڻپ ٿيڻ لڳندي آهي.

تنوير: هي بيماري ڪهڙيءَ عمر ۾ ٿيندي آهي؟

استاد: هن بيماري ٿيڻ لاءِ عمر جي ڪا حد مقرر نہ آهي. سائي تہ نئين ڄاول ٻار کان وٺي وڏيءَ عمر واري کي بہ ٿي پوندي آهي.

تنوير: سائين! سائيءَ جا جِيوڙا ٿيندا آهن ڇا؟

استاد: ها پُٽ، سائيءَ جا جِيوڙا ٿيندا آهن. سائيءَ جي عام جيوڙي جي ڄمار ڇهہ هفتا ٿئي ٿي ۽ اُن جو عام علاج مڪمل آرام آهي.

اعجاز: سائين! سائيءَ جي جيوڙن بابت ڪجھ ٻُڌائيندؤ؟

استاد: ڇو نہ! سائيءَ جا جيوڙا A,B,C سڏبا آهن. هن بيماريءَ کي انگريزي ۾



www.perfect24u.com

’هيپاٽائيٽس‘ چوندا آهن. هتي توهان کي ان جي ٽن قسمن بابت ٻڌايان ٿو.

(1) هيپاٽائيٽس اي: هيءَ بيماري ’اي‘ جيوڙن جي ڪري ٿئي ٿي. اها گهڻو ڪري خراب پاڻي پيئڻ يا سٽيي ڪاڌي کائڻ جي ڪري ٿيندي آهي. گهٽ صفائيءَ وارن علائقن ۾ جلد پکڙبي آهي. ان جو اثر اتي به گهڻو ٿئي ٿو، جتي گُتيل گهر ۽ ماڻهن جي گهڻائي هوندي آهي.

(2) هيپاٽائيٽس بي: هيءَ بيماري ’بي‘ جيوڙن جي ڪري ٿئي ٿي. وقت سر علاج نه ٿيڻ يا علاج ۾ لاپرواهيءَ جي ڪري جيرو ڪم ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اها بيماري هاڃيڪار بڻجي پوندي آهي . ان جي پکڙجڻ جو سبب اسپتالن ۾ ساڳي سُئِي ڪم آڻڻ، حجم جا ساڳيا اوزار، ڏندن جي ڊاڪٽر ۽ آپريشن جا ساڳيا اوزار استعمال ڪرڻ سان هيءَ بيماري رت وسيلي پکڙجي ٿي، ان ڪري مريض کي رت ڏيڻ مهل اول رت جي چڪاس ضرور ڪرائجي.

(3) هيپاٽائيٽس سي: هيپاٽائيٽس جو ٽيون قسم ’سي‘ هيپاٽائيٽس ’بي‘ جو آخري مرحلو آهي، جنهن ۾ مريض جي جگر تي گهرو اثر پوندو آهي جيڪو مريض جي زندگيءَ لاءِ وڏو خطرو آهي.

زاهد: سائين! هن بيماريءَ کان بچاءَ لاءِ ڪهڙو احتياط ڪرڻ گهرجي؟

استاد: بچاءَ لاءِ ڪليل ۽ هوادار گهر هجن. گهرن ۾ اُس اچڻ ضروري آهي. گهرن جي آس پاس صفائي رکجي. تازا کاڌا کائڻ گهرجن. پاڻي اوباري ۽ ڇاڻي پيئڻ گهرجي. ڊاڪٽرن ۽ حجامن کي ساڳيا اوزار استعمال ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. نيون سُيون ڪتب آڻڻ گهرجن. اسان کي هڪبئي جون استعمال ٿيل شيون، جيئن، بليڊ، ڪپڙا، صابڻ ۽ ڏندڻ استعمال نه ڪرڻ گهرجن.

شبير: سائين! هِن بيماري جي بچاءَ جا ڪهڙا طريقا آهن؟

استاد: هيپاٽائيٽس ’اي‘ لاءِ ته ڪجهه وقت مڪمل آرام ڪرڻ ۽ گلوڪوز استعمال ڪرڻ سان فائدو ٿيندو آهي. سٽيي وارين شين کان پرهيز ڪرڻ سان به مريض کي فائدو ٿي ويندو آهي. پر هيپاٽائيٽس ’بي‘ لاءِ ٽُڪا ٿيندا آهن، جيڪي بچاءَ طور اڳواٽ هڻائي ڇڏبا ته بيماريءَ کان بچي سگهجي ٿو. بيماري ٿيڻ بعد پوري حياتي احتياط ڪرڻو پوندو آهي. بيمار جي رت جي چڪاس پڻ ٿيندي آهي. ان کي ”بلو رِبن“ جي چڪاس چوندا آهن.



www.perfect24u.com

# مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سائيءَ جي بيماري جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟
( ب ) سائيءَ جي بيماري جون نشانيون ڪهڙيون آهن؟
( ج ) سائيءَ جي پکڙجڻ جا سبب بيان ڪريو؟
( د ) سائيءَ جي جيوڙن جا نالا ٻڌايو؟
( ھ ) سائيءَ کان بچاءُ ڪيئن ڪجي؟

2. هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| ڪارڻ | | |
| نبل | | |
| هاجيڪار | | |
| ڳُتيل | | |
| چڪاس | | |

3. اعرابون بدلائي ٺهيل لفظن جون معنائون لکو:

* ڪَنَ __________ * پَڪَ __________ * رَتُ __________

ياد رکو تہ: سائيءَ جي بيماريءَ جا ٽي خاص قسم آهن.

(1) هيپاٽائيٽس - A
(2) هيپاٽائيٽس - B
(3) هيپاٽائيٽس - C

سرگرمي: سائيءَ جي ٽنهي قسمن کان بچاءُ بابت مختصر نوٽ لکو.



www.perfect24u.com

سبق پندرهون

# اچو تہ پنهنجو ڳوٺُ سڌاريون

**سکيا جي حاصلات**

- قدرتي نظارن مان لطف وٺڻ.
- ماحولياتي گدلاڻ جي باري ۾ واقف ٿيڻ.
- نظم کي سُر ۽ لئہ سان پڙهڻ.
- حرفِ ندا ۽ اُن جي مختلف حالتن کان واقف ٿيڻ.

ٻنيون ٻارا ٻاغ سنواريون، پنهنجا گهر ۽ گهاٽ اجاريون،
روشن مُستقبلَ ڏي نهاريون، اچو تہ پنهنجو ڳوٺُ سُڌاريون.

رستن تي ڇٽڪارَ ڪنداسون، پاسن کان وٽڪارَ ڪنداسون،
لڳي وڃن چوطرف ٻهاريون، اچو تہ پنهنجو ڳوٺُ سُڌاريون.

علمُ، هُنُرُ هڪ دولت آهي، جنهن کي چوريءَ جو ڊپ ناهي،
ننڍن وڏن کي علم سيکاريون، اچو تہ پنهنجو ڳوٺُ سُڌاريون.

گندَ ڪِچري ۾ آ بيماري، آهي صفائي حڪمت واري،
ڳوٺن مان ڪچري کي ٻُهاريون، اچو تہ پنهنجو ڳوٺُ سُڌاريون.

مولَيٰ ملڪ ۾ مالُ وڌائي، پنهنجو ”سليم“ تي ڀالُ ڀلائي،
ٻَليون هجن شل پنهنجون ڀتَاريون، اچو تہ پنهنجو ڳوٺُ سُڌاريون.

سليم هالائي





www.perfect24u.com

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) ڳوٺ سڌارڻ لاءِ شاعر ڪهڙيون صلاحون ٿو ڏئي؟

( ب ) علم ۽ هنر جي اهميت شاعر ڪيئن بيان ڪئي آهي؟

( ج ) گند ڪچري مان ڪهڙو نقصان آهي؟

( د ) صفائيءَ ۾ ڪهڙي حڪمت آهي؟

2. هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|
| مستقبل | |
| پٽاريون | |
| وڙڪار | |
| حڪمت | |

3. هيٺيان خال پري بندُ مڪمل ڪريو:

* علمُ هنر هڪ دولت آهي، جنهن کي چوريءَ جو .................. ناهي،

ننڍن وڏن کي ............... سيکاريون، اچو ته پنهنجو ڳوٺ سُڌاريون.

4. عجب، افسوس، ارمان يا سڏ جي معنيٰ ڏيندڙ لفظن کي حرف ندا چئبو آهي.

جيئن: * ويچاري غريب هاري جي مينهن مري وئي! (افسوس)

* ٻارو! اچو ته سبق پڙهون. (سڏ)

* واه واه! سبق ته ڏاڍو مزيدار آهي. (عجب)

اوهان به اهڙا ڪي جملا ٺاهيو.

سرگرمي: اوهان پنهنجي ڳوٺ سڌارڻ لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪندا؟ لکي اچو.



www.perfect24u.com

سبق سورهون

**سکيا جي حاصلات**

- بزرگن جي ديني ڪارنامن ۽ زندگي کان واقف ٿيڻ.
- لفظن جي واحد ۽ جمع جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- ضمير غائب بابت ڄاڻ ۽ جملن ۾ استعمال ڪرڻ.

# بابا فريد گنج شڪرؒ



بابا فريد گنج شڪرؒ جو جنم 1179ع ڌاري، ملتان ويجهو ڪوٺيوال ۾ ٿيو. بابا فريد جو پورو نالو فريدالدين مسعود آهي. سندس پيءُ جو نالو جمال الدين هو، جيڪو ڪوٺيوال جو قاضي هو. سندس والده مريم بيبي هڪ نيڪ سيرت خاتون هئي.

بابا فريد ٻارهن سالن جي ڄمار ۾ استاد قاري محمد وٽ قرآن پاڪ حفظ ڪيو ۽ وڌيڪ علم حاصل ڪرڻ لاءِ مولانا منهاج الدين وٽ ملتان ويو. اتي سندس ملاقات معروف بزرگ صوفي خواجه قطب الدين بختيار سان ٿي، جنهن کي پنهنجو مرشد بڻايائين. ساڻس گڏ دهليءَ ويو. مرشد جي چوڻ تي وڌيڪ تعليم لاءِ بغداد ۾ ويو، جتي سندس ملاقات خواجه معين الدين چشتي اجميريءَؒ سان ٿي.



www.perfect24u.com

بابا فريد پنجابي، سرائڪي، ڪشميري ۽ سنڌيءَ جو شروعاتي شاعر سڏجي ٿو. سندس شاعريءَ ۾ انهن سيني ٻولين جا لفظ ملن ٿا.

هن پنهنجي شاعريءَ ذريعي پيار، ڏاهپ، پاڪائي ۽ حق جي هدايت ڪئي ۽ فرمائيندو هو تہ: ”اي فريد! دنيا خوبصورت آهي، پر ان ۾ ڪنڊن جو باغ بہ آهي. جتي لالچ هوندي، اتي محبت ڪيئن هوندي!“

”آءٌ ڏوهن سان ڀريو پيو آهيان، منهنجو ويس ڪارو آهي، پوءِ بہ ماڻهو مون کي درويش ٿا چون.“

چون ٿا تہ، هن جي امڙ عبادت ۾ اتساهہ پيدا ڪرڻ لاءِ هن جي مصلي هيٺان کنڊ جي پُڙي رکي ڇڏيندي هئي، جيڪا هو نماز کان پوءِ ڪڍندو هو ۽ ان کي نماز جو انعام سمجهندو هو. هڪ ڀيري سندس امڙ کان کنڊ رکڻ وسري وئي، پر ننڍڙي مسعود کي ساڳي جاءِ تي کنڊ جي پُڙي رکيل ملي ۽ ائين هُو ’گنج شڪر‘ سڏجڻ لڳو. هن کي جيڪا رقم يا شيون ملنديون هيون، سي مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

بابا فريدالدين 5 محرم الحرام 668 هہ مطابق 1266ع تي، هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪيو. سندس مزار پنجاب صوبي جي شهر’پاڪ پتڻ‘ ۾ آهي.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) بابا فريد جو جنم ڪٽي ٿيو؟

( ب ) بابا فريد جو اصل نالو ڇا هو؟

( ج ) بابا فريد کي گنج شڪر ڇو ٿو سڏيو وڃي؟

( د ) بابا فريد پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪهڙو پيغام ڏنو آهي؟

( هہ ) بابا فريد ڪهڙيون ڳالهيون ڪندو هو؟

( و ) بابا فريد جي آخري آرام گاهہ ڪٿي آهي؟



www.perfect24u.com

2 . هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| جملي ۾ استعمال | لفظ |
| --- | --- |
| | نيڪ سيرت |
| | اتساهه |
| | پوئلڳ |
| | خوبصورت |
| | معروف |

3 . هيٺين لفظن جا واحد ۽ جمع لکو:

| واحد | جمع | جمع | واحد |
| --- | --- | --- | --- |
| | محبتون | | ڄمار |
| | لالچون | | نماز |
| | ڪنڌا | | درگاهه |

ياد رکو ته: ضمير خالص جا ٽي قسم آهن:

(1) ضمير خالص متڪلم (ڳالهائيندڙ)

(2) ضمير خالص حاضر (جنهن سان ڳالهائجي)

(3) ضمير خالص غائب (جنهن جي ڳالهه ڪجي ۽ اهو غير حاضر هجي)



www.perfect24u.com

سکيا جي حاصلات

- ڪهاڻي يا واقعي جي نتيجي کي پنهنجي لفظن ۾ بيان ڪرڻ.
- غلط جملن کي درست ڪري لکڻ.
- زمان مستقبل مان زمان ماضي جا جملا ٺاهڻ.
- حرفِ ندا جي باري ۾ وڌيڪ سکڻ.

سبق سترهون

# عقلمند شهزادو



ڳالهه ڪندا آهن ته هڪ بادشاهه کي ٻه پٽ هئا. جڏهن بادشاهه ضعيف ۽ پوڙهو ٿي ويو، ته ڪيس ان ڳڻتيءَ اچي ورايو، ته سندس وفات کان پوءِ هن جي بادشاهيءَ جو اصل حقدار ڪير ٿئي. نيٺ بادشاهه پنهنجيءَ دربار جي سڀ کان سياڻي وزير کي صلاح مشوري لاءِ گهرايو. وزير گذارش ڪئي، ته بادشاهه سلامت! ماشاءَالله اوهان جا ٻئي فرزند اوهان جي رعيت لاءِ اکين جو نور آهن. پر ٻنهي کان هڪ ننڍڙو امتحان وٺي، وڌيڪ ڏاهي ۽ سُٺي سوچ رکندڙ شهزادي کي پنهنجو وارث مقرر ڪيو. ان سان اوهان جو نالو به سدائين روشن رهندو ۽ قوم به سدائين خوشحال رهندي.

بادشاهه کي اها صلاح ڏاڍي پسند آئي. هن ٻئي ڏينهن تي دربار گهرائي ۽



www.perfect24u.com

پنهنجي ٻنهي پٽن کي ٻـ سڏايو. بادشاهه شهزادن کي چيو، ”مون اوهان کي هتي ان لاءِ سڏايو آهي تـ جيئن اسان گڏجي فيصلو ڪريون تـ مون ڪان پوءِ بادشاهيءَ جو حقدار ڪير ٿئي. ان لاءِ اوهان ٻنهي کي هڪ سوال جو جواب ڳولي اچڻو آهي. جنهن جو بـ جواب دربار کي پسند ايندو، فيصلو ان جي ئي حق ۾ ٿيندو.“

ٻنهي شهزادن وراڻيو، ”بابا سائين، اسان کي قبول آهي.“ بادشاهه پنهنجي صلاحڪار وزير کي مخاطب ٿي چيو، ”اوهان سوال پڇو.“ وزير هٿ ٻڌي، احترام سان مخاطب ٿيندي چيو”شهزادا! سوال صفا سولو آهي. اوهان کي رڳو ايترو ثابت ڪرڻو آهي تـ عقل وڏو آهي يا پيسو؟“

وڏي شهزادي چيو، ”اها تـ جڳ جهان کي خبر آهي تـ پيسو وڏي شيءِ آهي. عقل وارا دربدر آهن ۽ پيسي وارا شان مان سان سُکيا وينا آهن“. ننڍي شهزادي جواب ڏيندي چيو، ”بابا سائين! عقل کان سواءِ پيسي جي ڪا بـ اهميت نـ آهي. اصل طاقت عقل ئي آهي.“

ٻنهي شهزادن جا جواب ٻڌي، باشاهه پٽن کي ڪجهه ڏينهن جي مهلت ڏني. جيئن پنهنجي پنهنجي ڳالهه کي سچو ثابت ڪرڻ لاءِ دليل گڏ ڪري اچن.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ٻئي شهزادا دربار ۾ موٽي آيا. وڏي شهزادي، پاڻ سان گڏ هڪ شخص کي آندو، جنهن کي تمام قيمتي ويس وڳا پهريل هئا. شهزادي پنهنجي پيءُ سان مخاطب ٿيندي چيو، ”بابا سائين! هيءُ شخص دنيا ۾ سڀ کان امير ماڻهو آهي. هن وٽ ايترو تـ پيسو آهي جو دنيا جي هر قيمتي شيءِ خريد ڪري سگهي ٿو. اوهان جي بادشاهي بـ خريد ڪري سگهي ٿو. اهو ٻڌي دربار جا ماڻهو ان شخص کي حيرت مان ڏسڻ لڳا. ان شخص پاڻ سان آيل خادمن کي چيو تـ منهنجي آندل دولت جو ٿورو نظارو دربار ۾ ويٺل ماڻهن کي بـ ڪرايو. ڏسندي ئي ڏسندي هيرن جواهرن ۽ سونن سِڪن جا ڍير لڳي ويا ۽ دربار ۾ ويٺل ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا.

ايتري ۾ ننڍو شهزادو اڳتي وڌيو ۽ هن پنهنجي ڪيسي مان هڪ سِڪو



www.perfect24u.com

ڪڍي پَٽ تي اڇلايو. شهزادي ان امير شخص سان مخاطب ٿيندي چيو، ته ”اي دنيا جا امير شخص! هي پَٽ تي پيل سِڪو ته ڪٽي ڏيکار. پر شرط اهو آهي ته ان کي تون هٿ نه لڳائيندين.“ اهو ٻڌي، امير شخص پريشان ٿي ويو. هن چيو”اهو ڪيئن ممڪن آهي، ته بنا هٿ لڳائڻ جي ڪو ماڻهو اِهو سِڪو کڻي سگهي.“

ننڍي شهزادي چيو، ”اهو بلڪل ممڪن آهي. اوهان هارَ قبول ڪريو ته مان بنا هٿ لڳائڻ جي اوهان کي هي سڪو کڻي ڏيکاريان.“

امير شخص وڏي شهزادي ڏانهن ڏٺو ۽ ان جي هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏڻ کان پوءِ چوڻ لڳو، ”جي اوهان بنا هٿ لڳائڻ جي هي سڪو کڻي ڏيکاريو، ته آءٌ هار قبول ڪندس.“

ايتري ۾ ننڍو شهزادو اڳتي وڌيو ۽ هڪ درٻاريءَ کي سڏ ڪيائين. درٻاري حاضر ٿيو. ننڍي شهزادي کيس چيو،”اهو سِڪو ته کڻي ڏي.“ درٻاريءَ سِڪو کڻي ننڍي شهزادي جي حوالي ڪيو. شهزادي پنهنجي والد کي مخاطب ٿيندي چيو، ”بابا سائين! هاڻ اوهان پاڻ ئي اندازو لڳائي ورتو هوندو ته جيڪڏهن ماڻهوءَ وٽ عقل نه آهي ۽ پَٽ تي ڪِريل سِڪو به نٿو کڻي سگهي. مون هنن کي چيو هو، اوهان هٿ لڳائڻ کان سواءِ هي سِڪو کڻي ڏيکاريو. مون ائين ڪونه چيو هو ته هن کي ڪير به هٿ نه لڳائي. ايتري ننڍڙي ڳالهه به عقل کان سواءِ نٿي سمجهي سگهجي، ته بادشاهي بنا عقل جي ڪيئن ٿي هلائي سگهجي.“

اها ڳالهه ٻڌي، سڄي درٻار اُٿي بيٺي ۽ ننڍي شهزادي لاءِ تمام گهڻيون تاڙيون وڄائي، کيس داد ڏنو. بادشاهه به پنهنجي ننڍي پٽ جي سمجهه ۽ ڏاهپ واريءَ ڳالهه تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ درٻار اڳيان کيس پنهنجي بادشاهيءَ جو وارث مقرر ڪيائين.



www.perfect24u.com

## مشق

1. هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) بادشاهه پنهنجي پٽن کان ڪهڙو امتحان ورتو؟
(ب) وڏي شهزادي ڪهڙيءَ شيءِ کي وڌيڪ اهميت ڏني؟
(ج) ننڍي شهزادي عقل جي اهميت ڪيئن ثابت ڪئي؟
(د) امير ماڻهو پنهنجي دولتمند هجڻ جو ثبوت ڪيئن ڏنو؟
(ه) بادشاهيءَ جو فيصلو ڪنهن جي حق ۾ ٿيو؟

2. هيٺ ڏنل جملا زمان مستقبل مان زمان ماضيءَ ۾ بدلايو:

- اسڪول جا امتحان جلدي ٿيندا.
- اسين ڪينجهر تي گهمڻ وينداسين.
- اسان جا اسڪول وئڪيشن ۾ بند ٿيندا.

3. ليڪ ڏنل لفظ گرامر ۾ ڇا آهن؟

- واهه واهه! انب ڏاڍو مٺو آهي.
- افسوس! هو ويچارو سائيڪل تان ڪري پيو.
- مار! ڪيڏو نه اوچو جبل آهي.
- اڙي ياءُ! هيڏانهن اچ.

4. هن ڪهاڻيءَ مان اسان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي؟

سرگرمي: استاد شاگردن کان هن ڪهاڻيءَ تي ٻڌل ٽيبلو پيش ڪرائي.



www.perfect24u.com

## سبق ارڙهون

# قَدَم وَڌائي اَڳتي هَل

**سکيا جي حاصلات**

- خال پري شعر مڪمل ڪرڻ.
- لفظن جي معنيٰ سکڻ.
- اصطلاحن کي جملن ۾ استعمال ڪرڻ جي سکيا حاصل ڪرڻ.
- نظم ڪورس ۾ سُر سان ٻُڌائڻ.





سُستي مان ڇا هَٿ حاصل،
قدم وڌائي اڳتي هل.

چنڊ تي پهتو آ انسان،
محنت جو سڀ آهي ڦل.

ڪنهن جو تون محتاج نه ٿي،
ڪنهن جي آڏو جهول نه جهل.

همت وارن جي آڏو،
جُهڪي پوي ٿو نيٺ جَبَل.

سردي گرمي سر تي سهي،
گُلَ جهلي ٿي تڏهين وَل.

گذري جيڪو وقت ويو،
هاڻ انهيءَ تي هٿ نه مَل.

ڏونگر پاڻ ڏري پوندا،
اگر ارادو آهي اَٽل.

علم ته آهي سچ جي واٽ،
واٽ انهيءَ تي هلندو هَل.

پهاڙِ پرزا ٿي پوندا،
ٻانهُن ۾ جي آهي ٻَل.

وقت وڃائين مفت متان،
قيمت لهڻي، هر ڪو پَل.

امداد حسيني



www.perfect24u.com

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هن نظم مان توهان کي ڪهڙوشعر وڻي ٿو؟ ٻڌايو.

( ب ) اهو شعر توهان کي ڇو ٿو وڻي؟ ٻڌايو.

2 . هيٺيان خال پري، شعر مڪمل ڪريو:

* ڪنهن جو تون ...................... نہ ٿي،

ڪنهن جي آڏو .................. نہ جهل.

* ........................ وڃائين مفت متان،

قيمت ......................... هر ڪو پَل.

3 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اِهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| ڦَل | | |
| ڏونگر | | |
| اٿل | | |
| پُرزا | | |
| ٻل | | |
| ڏري | | |

4 . هيٺين اصطلاحن کي جملن ۾ استعمال ڪريو:

هٿ مَلڻ ڏونگر ڏري پوڻ ٻانهن ۾ ٻل هجڻ

سرگرمي: هيءُ نظم زباني ياد ڪري ڪورس ۾ سُر سان ٻُڌايو.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- سائنسي ايجادن خاص طور ”اِي ميل“ جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- خط لکڻ جي مهارت پيدا ڪرڻ.
- انفارميشن ٽيڪنالاجي بابت معلومات ۾ اضافو ڪرڻ.
- لکڻ جي مهارت حاصل ڪرڻ.
- ظرف بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.

سبق اوڻيهون

# سائنسي ايجادون

## (اِي ميل)

15 جولاءِ 2014ع
حيدرآباد

پيارا دوست .............................

السلام عليڪم!

اميد ته اوهان خيريت سان هوندا!



جيئن ته گرميءَ جي موڪلن هجڻ ڪري، اسان مان ڪي پنهنجن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ آهن ته ڪي سير ۽ تفريح لاءِ ملڪ جي اترين علائقن ڏانهن ويل آهن، ڪي وري پنهنجي مِٽن مائٽن سان ملڻ لاءِ مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ڏانهن ويل آهن. مون سوچيو ته ڇو نه اوهان کي حال احوال کان واقف ڪجي، ان ڪري هيءُ خط لکي رهيو آهيان.

پيارا دوست،

منهنجي هن خط لکڻ جو هڪ مقصد اهو به آهي ته اوهان کي جديد انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ کان آگاهه ڪريان، جنهن ذريعي هاڻي خط لکي، ٽپال ذريعي موڪلڻ بجاءِ، ’اِي ميل‘ يعني برقي ٽپال ڪئي وڃي ٿي. ان جو پورو نالو ’اليڪٽرانڪ ميل‘ آهي. هاڻي عام ٽپال رستي خط لکڻ جو رواج آهستي آهستي



www.perfect24u.com

گهٽجي رهيو آهي. عام ٽپال ذريعي پنهنجي مِٽن مائٽن ۽ دوستن عزيزن سان حال احوال ڪرڻ لاءِ خط لِکي، لفافي ۾ وجهي، ڪنهن ويجهي ٽپال جي دٻي ۾ وجي وجهڻو پوي ٿو. ان کان پوءِ وصول ڪرڻ واري کي پڻ وڏي انتظار کان پوءِ خط وجي پهچندو آهي. خط جي جواب ۾ به ڪيترائي ڏينهن لڳيو وڃن. پر هاڻي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ايتري ته ترقي ڪئي آهي، جو اوهان پنهنجي ڪمپيوٽر تان انٽرنيٽ ذريعي ڪنهن به اِي ميل ائڊريس تان سنڌيءَ ۾ اِي ميل موڪلي سگهو ٿا، جيڪا هڪ گهڙيءَ ۾ اوهان جي دوست يا مِٽ مائٽ وٽ پهچي وڃي ٿي. ان لاءِ نه اوهان کي پنو وٺڻو پوندو، نه وري ٽپال گهر وڃڻو پوندو. اوهان گهر ويٺي آسانيءَ سان اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهو ٿا. ان سان اوهان جو وقت ۽ خرچ به بچي پوندو.

اِي ميل وسيلي ڪيترين ئي ٻولين ۾ خط، درخواستون ۽ علمي جاڻ موڪلي يا حاصل ڪري سگهجي ٿي. هاڻي اِي ميل جي سهولت سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ آهي، جنهن مان شاگرد، استاد، ڊاڪٽر، واپاري ۽ ٻين شعبن ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو آسانيءَ سان لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا. اِي ميل ڪرڻ کان اڳي، اِي ميل ائڊريس ۽ هڪڙو ڳجهو لفظ ناهبو آهي، جنهن کي ڪمپيوٽر جي ٻوليءَ ۾ ’پاس ورڊ‘ (Password) چئبو آهي.

مون کي اميد آهي ته اوهان کي هي طريقو نهايت آسان لڳندو ۽ اوهان جلد کان جلد پنهنجي ڪمپيوٽر ۾ سنڌي سافٽ ويئر انسٽال ڪري، مون کي هن خط جو جواب اِي ميل ذريعي ڏيندا. آءٌ پنهنجي اِي ميل ائڊريس اوهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان.

پنهنجن پيائرن ۽ دوستن کي منهنجي پاران ڪوڙ سارا سلام چوندا. مون کي اميد آهي ته اسان هاڻي اِي ميل ذريعي هڪٻئي سان حال احوال پيا ڪندا رهنداسين.

فقط اوهان جو دوست

.............................

حيدرآباد



www.perfect24u.com

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اِي ميل جو مطلب ڇا آهي؟
( ب ) اڳي حال احوال ڪهڙي وسيلي سان موڪلبو هو؟
( ج ) اِي ميل مان ڪهڙا فائدا آهن؟
( د ) اِي ميل لاءِ ڪهڙيون شيون ضروري آهن؟

2 . اِي ميل بابت پنهنجن لفظن ۾ لکي ڏيکاريو.

3 . هن سبق مان اسان هيٺيان نوان لفظ سکيا:

ڪمپيوٽر - انٽرنيٽ - اِي ميل - سافٽ ويئر - پاس ورڊ

4 . هيٺ ڏنل لفظن مان هاڪاري ۽ ناڪاري لفظ ڌار ڪري جملا ناهيو:

ها - هائو - نہ - ڪونہ - ڪانہ - ڪين - مَ

هاڪار ۽ ناڪار ڏيکاريندڙ لفظ گرامر موجب ظرف ٿيندا آهن.

ياد رکو تہ:

* انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو ننڍو نالو (مخفف) آءِ ٽي (I.T) آهي.
* اِي ميل ائڊريس کي آءِ ڊي (I.D) چئبو آهي.
* ڪمپيوٽر جي ڳجهي ڪوڊ کي پاس ورڊ (Password) چئبو آهي.
* اِي ميل ڪرڻ لاءِ ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي ضرورت پوي ٿي.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ بابت معلومات حاصل ڪرڻ.
- حرف جملي جي باري ۾ سکڻ.
- عام ڀلائي جي ڪمن ۾ حصي وٺڻ جي چاهُ حاصل ڪرڻ.

## سبق ويهون

# اسڪائوٽِنگ ۽ گرل گائِيڊ



دنيا ۾ عام ڀلائيءَ ۽ خلق جي خدمت ڪندڙ ڪيترين ئي تنظيمون، ادارا ۽ تحريڪون آهن. اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ به اهڙين تحريڪن مان مکيه آهن. اسڪائوٽنگ جو مکيه مقصد شاگردن ۽ نوجوانن ۾ خوداعتمادي پيدا ڪرڻ ۽ منجهن خدمت جو جذبو پيدا ڪرڻ آهي. اسڪائوٽنگ وسيلي شاگردن ۽ نوجوانن جي تربيت ڪري ملڪ ۽ قوم لاءِ باڪردار ۽ مفيد شهري پيدا ڪيا وڃن ٿا.

اسڪائوٽنگ تحريڪ جو باني هڪ انگريز، لارڊ بيڊن پاول هو. هن فوجي زندگيءَ ۾، هڪ ڪتاب ’ايڊ ٽُواسڪائوٽنگ‘ لکيو هو. هي ڪتاب لکيو ته فوجين لاءِ ويو هو، پر پوءِ اُهو ٻارن ۾ وڏيڪ مقبول ٿيو. ٻارن جو جوش ۽ جذبو ڏسي، لارڊ بيڊن پاول 1907ع ۾ اسڪائوٽنگ جو باقاعدي اعلان ڪيو ۽ ويهن ڇوڪرن جو هڪ جٿو تيار ڪيائين. انهيءَ جٿي انگلينڊ جي ’برائون سي‘ ٻيٽ ۾، دنيا جي سڀ کان پهرين ٻُواءِ اسڪائوٽ ڪئمپ لڳائي. اها ڪئمپ نهايت ڪامياب رهي. اُنهيءَ کان پوءِ هيءَ تحريڪ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙجي وئي. 1920ع ۾، سڄيءَ دنيا جي اسڪائوٽن جو پهريون بين الاقوامي ميڙُ ٿيو. اُنهيءَ ميڙ ۾، لارڊ بيڊن پاول کي دنيا جو ’چيف اسڪائوٽ‘ تسليم ڪيو ويو. سندس گهر واري به انهيءَ تحريڪ ۾ ساڻس گڏ هئي ۽ جڏهن گرل گائيڊ جي تحريڪ شروع ٿي ته ڪيس اُن جو ’چيف گائيڊ‘ چونڊيو ويو.





www.perfect24u.com

پاڪستان قائم ٿيڻ جو اعلان ٿيو ته ان وقت فرانس ۾ ڇهين عالمي اسڪائوٽ جمبوري ٿي رهي هئي. پهرين سيپٽمبر 1947ع تي، ڪراچيءَ ۾ پاڪستان جي اسڪائوٽ ليڊرن جو اجلاس ٿيو، جنهن ۾ پاڪستان بواءِ اسڪائوٽ ائسوسيئيشن ناهڻ جو فيصلو ڪيو ويو. 22 ڊسمبر 1947ع تي،گورنر جنرل هائوس ڪراچيءَ ۾، قائداعظم محمد علي جناح، پاڪستان جي پهرئين چيف اسڪائوٽ جي عهدي جو قسم کنيو. اهڙيءَ ريت ملڪ جو سربراهه، ملڪ جو چيف اسڪائوٽ،



۽ صوبائي گورنر، صوبي جو چيف اسڪائوٽ ٿيندو آهي. هن وقت به سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ سرڪاري ۽ خانگي اسڪائوٽ گروپ موجود آهن. سنڌ ۾ خاص طور تي شاهه لطيف اسڪائوٽ گروپ، هر سال حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس تي پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو آهي.

اسڪائوٽنگ وسيلي اسڪولي شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي سنا شهري بڻائڻ ۽ خلق جي خدمت لاءِ تيار ڪيو ويندو آهي. اسڪائوٽنگ ۽ گرل گائيڊ جا قاعدا ۽ قانون مُقرر ٿيل آهن، جيڪي سڄيءَ دنيا جي ٻارن لاءِ هڪجهڙا آهن.

هن تحريڪ ۾ حصو وٺندڙن کي دستڪاري ۽ ٻيا هنر سيکاري، پنهنجي پاڻ ۽ ٻين لاءِ ڪارائتو بڻايو ويندو آهي. هنن کي باهه وسائڻ، ڪاڏو تيار ڪرڻ، ميدان سَنوَت ۾ آڻڻ، تنبو لڳائڻ ۽ تُرتُ علاج ڪَرڻ جي عملي سکيا پڻ ڏني ويندي آهي. اسڪائوٽن کي جنگ جي زماني ۾، ڳجها نياپا رسائڻ ۽ سگنل ڏيڻ جي تربيت پڻ ڏني ويندي آهي.

اسڪائوٽ توڙي گرل گائيڊ جِڙَ تي ضابطو رکندا آهن. جانورن تي ڪَهل ڪندا آهن ۽ اهي هر وقت نيڪيءَ ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ڪرڻ لاءِ تيار رهندا آهن.



www.perfect24u.com

اسڪائوٽن جي تربيت لاءِ جهنگن، جبلن ۽ ڏکين هنڌن تي ڪئمپون لڳايون وينديون آهن. اُتي اسڪائوٽ ماستر ۽ اسڪائوٽ ڪمشنر نوجوان اسڪائوٽن کي سکيا ڏيندا آهن. ڪائين ڪرڻ ۽ پاڻي پرڻ ڪان وني رڌ پچاءُ ۽ ڪئمپ تي



پهري ڏيڻ تائين، سمورا ڪم اسڪائوٽ کي پنهنجي سِر ڪرڻا پوندا آهن. گرل گائيڊن کي بہ اها تربيت ڏني ويندي آهي تہ هو گهرن ۾ ڪيئن رهن. ڪين گهرو ڪم ڪار ۽ اُن لاءِ سامان مهيا ڪرڻ جي سکيا پڻ ڏني ويندي آهي. سڄيءَ دنيا جي اسڪائوٽن ۽ گرل گائيڊن جي مرڪزي آفيس لندن شهر ۾ آهي.

اسڪائوٽ توڙي گرل گائيڊ جي زندگي، هڪ مثالي زندگي ٿئي ٿي. هو پاڻ کي ڏک ڏئي، ٻين کي سُک پهچائين ٿا. اَمن توڙي جنگ ۾، هو ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندا آهن.

اسان سڀني کي هن تحريڪ ۾ شامل ٿي ملڪ، قوم ۽ پوري انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ گهرجي.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) اسڪائوٽنگ تحريڪ جو باني ڪير هو؟
( ب ) اسڪائوٽنگ جي نموني تي، ڇوڪرين لاءِ ڪهڙي تحريڪ آهي؟
( ج ) پاڪستان جو پهريون چيف اسڪائوٽ ڪير هو؟
( د ) شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي عرس تي ڪهڙو اسڪائوٽ گروپ خدمتون سرانجام ڏيندو آهي؟



www.perfect24u.com

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
| --- | --- | --- |
| مفيد | | |
| باڪردار | | |
| جتو | | |
| دستڪاري | | |
| خوداعتمادي | | |

3 . احمد ۽ رشيده اسڪول ويندا آهن، آءٌ ۽ هوءَ حساب سکندا آهيون.

متين جملن ۾ پهرين نمبر جملي ۾ احمد ۽ رشيده ٻه اسم آهن. پر جملي نمبر ٻئي ۾ آءٌ ۽ هوءَ ضمير آهن.

اهڙا لفظ جيڪي ٻن اسمن يا ٻن ضميرن کي ملائين ته اهڙن لفظن کي حرف جملو چئبو آهي.

پر - جيتوڻيڪ - ۽  ٻه حرف جملو آهن.

اوهان ٻه اهڙا پنج جملا ناهي لکو.

4 . ٽُبڪا ملائي تصوير ۾ رنگ ڀريو:



سرگرمي: اوهان پنهنجي اسڪول ۾ اسڪائوٽ گروپ ناهي سرگرميون ڪريو.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- ڪهاڻي کي نظم جي صورت ۾ پڙهي لطف اندوز ٿيڻ.
- نظم ۾ پڙهيل ڪهاڻي کي نثر ۾ لکڻ.
- جانورن تي ڪهل ڪرڻ جو سبق سکڻ.
- نون لفظن کي پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪرڻ.

## سبق ايڪيهون

# هرڻي ۽ سندس ٻچو





چَري پيئي ڪا هرڻي چراگاهه ۾،
۽ سانديئين پيئي ٻچڙو سدا ساهه ۾.

ٿڌو پاڻي ۽ گاهه ساوا صفا،
خوشيون ئي خوشيون، خوف خطرا نه ها.

اتي ٻيون به هرڻيون ڪي چَرنديون هُيون،
ٻَچن ساڻ گهُمنديون ۽ ٽَرنديون هُيون.

اتي ئي ننڍيون ٿي، وَڏيون ٿيون هُيون،
سَنهيون سُهڻيون اهڙيون جو وڻنديون هيون.

پهاڙن جون چئني طرف چوٽيون،
نه هو اُلڪو، گهر جنهن مهل موٽيون.



www.perfect24u.com



ٻَچو ماءُ سان خوش ٿي کيڏڻ لڳو،
وڏو ٿيو تہ سمجھڻ ۽ سوچڻ لڳو.

”امان، هي جبل ايڏا ڇو ٿا ٿين؟“
”ٻچا، هي اسان جو ٿا پهرو ڏين!“

ائين نيٺ ڪنهن جي نظر وِيَن لڳي،
پهاڙن ڏي هرڻيءَ جي اک وئي کڄي!

انهيءَ مهل ماريءَ سڌي ڪئي بندوق،
پهاڙن ۾ گُونجي وئي هڪڙي ڪُوڪ!

ٻچو زخم کائي ۽ ڦٿڪڻ لڳو،
”ڪيُم ڏوهہ ڪهڙو!“ هي سوچڻ لڳو.

ڊِڄي هرڻي هيڪر پري وئي هلي،
وري موٽي پنهنجي ٻچي تي پئي!

”امان، هي جبل، جو سهارو هيو،
”انهيءَ ۾ تہ وينو ڪو مارو هيو!“

ٻُڌي هيءُ، هرڻي صفا وئي وڃي،
رُني، تڙپي ليڪن وڃي ڪيئن ڀَڄي!

ائين ئي وري ٻيو ٿيو هڪ نُڪاءُ،
ٻچي تي ٿي قربان وئي نيٺ ماءُ!

علي دوست عاجز



www.perfect24u.com

# مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) هرڻي ۽ سندس ٻچو ڪٿي چري رهيا هئا؟

( ب ) هرڻيءَ جي ٻچي ماءُ کان ڪهڙو سوال ڪيو؟

( ج ) هرڻيءَ ٻچي کي ڪهڙو جواب ڏنو؟

( د ) هرڻيءَ جو ٻچو ڏک لڳڻ کان پوءِ ڇا سوچڻ لڳو؟

( ه ) نڪاءَ تي هرڻي پري وڃي، وري ڇو موٽي آئي؟

2 . هيٺين لفظن کي پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|
| پهاڙ | |
| خوشيون | |
| سنهڙيون | |
| نڪاءُ | |

3 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي لکو:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اُلڪو | |
| مارو | |
| گُونجَ | |
| چراگاهه | |

4 . هن نظم کي پڙهي ڪهاڻي پنهنجن جملن ۾ لکي ڏيکاريو.

5 . ٻڌايو تہ هن نظم مان اسان کي ڪهڙي نصيحت حاصل ٿي.

ياد رکو تہ: جانورن تي ڪهل ڪجي.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- شهري رضاڪارن جي خدمتن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- خدمتِ خلق جو جذبو سکڻ.
- مناسب لفظن سان خال پرڻ.
- اعرابن (زبر، زير ۽ پيش) جي فرق سان معنيٰ جي فرق کي سمجهڻ.

## سبق ٻاويهون

# شهرِي رضاڪار

عام طرح ڏٺو ويو آهي ته دنيا ۾ جيڪو به ماڻهو خدمت ڪري ٿو، اهو موت ۾ اُنهيءَ خدمت جو بدلو ضرور چاهي ٿو. پر ڪي ماڻهو اهڙا به آهن، جيڪي ٻين جي خدمت ڪن ٿا، مگر اُنهيءَ جو ڪوبه اُجورو نٿا گهرن. اهڙا ماڻهو هر وقت ٻين جي خدمت ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن ۽ ٻين جي واهرَ ڪرڻُ پنهنجو فرض ڄاڻندا آهن. اهڙن ماڻهن کي ”رضاڪار“ چئبو آهي. ”رضاڪار“ جي معنيٰ ئي آهي، ”بنا اُجوري خدمت ڪرڻ وارو.“



شهري رضاڪار ملڪ جي بچاءَ، عام ڀَلي جي ڪمن ۽ اتفاقي حادثن جي وقت، ڏکويلن جي مدد لاءِ پنهنجون خدمتون آڇيندو آهي. هو اُها خدمت بنا ڪنهن پگهار يا لالچ جي ڪندو آهي. رضاڪارن جي مدد سان حڪومت پيش آيل ڏکين حالتن کي سولائيءَ سان منهن ڏئي سگهندي آهي. اهڙيءَ طرح، ڏکويل ماڻهن کي به تُرت سهارو ملي پوندو آهي. شهري رضاڪارن کي تجربيڪار ماڻهو سِکيا



www.perfect24u.com

ڏيندا آهن. انهيءَ سِکيا ۾ باهه وسائڻ، تُرت علاج ڪرڻ، ٽريفڪ کي سنڀالڻُ وغيره پڻ شامل آهي.

جنگ جي زماني ۾، جڏهن فوج مورچا سنڀالي دشمن سان مقابلي ڪرڻ ۾ رُڌل هوندي آهي، تڏهن شهري رضاڪارَ وري شهري انتظام رکڻ ۽ امن امان بحال ڪرڻ ۾ مشغول هوندا آهن. سرڪاري جاين، رستن، پلين جي بچاءُ ڪرڻ ۾ هو فوج توڙي پوليس جي مدد ڪندا آهن. جنگ دوران وڏن شهرن ۾ هوائي حملي جو ڊپ هوندو آهي، انهيءَ ڪري شهري رضاڪار رات ڏينهن چوڪس رهندا آهن، ته جيئن ڪو ماڻهو شهري بچاءَ جي اصولن جي ڀڃڪڙي نه ڪري.



هو هوائي حملي ۾ ڦٽيل ماڻهن کي علاج لاءِ اسپتالن ۾ پهچائيندا آهن ۽ ڊٺلَ جاين هيٺان دٻيلَ ماڻهن کي ٻاهر ڪڍندا آهن.

شهري رضاڪارَ جنگ، طوفانَ، ٻوڏ توڙي زلزلي سبب ڏُتڙيل ماڻهن جي واهر ڪندا آهن. ڪين خطري وارين جاين تان ڪڍي، سلامتيءَ وارن هنڌن ڏانهن وٺي ويندا آهن. ٻوڏ جي وقت، شهري رضاڪارَ ٻوڏ جي ستايل ماڻهن لاءِ کاڌي، ڪپڙي ۽ دوا درمل جو به بندوبست ڪندا آهن. اُهي شهرن توڙي ڳوٺن ۾، اهڙا مرڪز قائم ڪندا آهن، جتي کاڌو، ڪپڙو ۽ دوائون گڏ ڪندا آهن ۽ پوءِ اُهي شيون اُنهن ماڻهن ۾ ورهايون ونديون آهن.



www.perfect24u.com

انهيءَ سان گڏوگڏ، جنگ جي وقت هو پنهنجي ننڍ ڦتائي، شهرن ۾ پهرو ڏيندا آهن. ٻوڏ جي وقت بچاءَ بندن تي پهرو ڏيندا آهن. ڪڏهن ڪا وبائي بيماري پکڙبي آهي، تہ شهري رضاڪارَ بيمارن جي خدمت ڪندا آهن. حڪومت بيماريءَ کي روڪڻ لاءِ جيڪي اُپاءَ وٺندي آهي، تن تي عمل ڪرائيندا آهن.

اسان جي ملڪ ۾ ڪي اهڙا بہ سماج دشمن ماڻهو رهن ٿا، جيڪي ٻارن کي کڻي وڃي وڪڻندا آهن. شهري رضاڪارَ اُنهن ٻارن کي ڳولي، مائٽن تائين پهچائيندا آهن ۽ جيڪي ڏوهاري هوندا آهن، تن کي پوليس جي حوالي ڪندا آهن. اُن کان سواءِ مائٽن کان پيچي ويل ٻارن کي بہ هٿ ڪري مائٽن جي حوالي ڪندا آهن.

اَڄُڪلهہ رضاڪار ٿي ڪم ڪرڻ جو جذبو وڌي رهيو آهي. خاص ڪري شاگرد انهيءَ ڳالهہ ۾ دلچسپي وٺي رهيا آهن. شاگردن جي انهيءَ لاڙي جو فائدو وٺندي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اهڙا مرڪز قائم ڪيا پيا وڃن، جتي کين فوجي ۽ شهري بچاءُ جي سِکيا ڏني وڃي ٿي، جيئن جنگ توڙي امن ۾ قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪري سگهن.

رضاڪارُ ٻڌجي، پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪرڻ جو جذبو ساراهہ جي لائق آهي. اسان سڀني کي اهڙي خدمت ڪرڻَ لاءِ هر وقت تيار رهڻ گهرجي.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) شهري رضاڪار ڪنهن کي چئبو آهي؟
( ب ) شهري رضاڪار حڪومت جي ڪهڙيءَ طرح مدد ڪندا آهن؟
( ج ) شهري رضاڪارن کي ڪهڙي سکيا ڏني ويندي آهي؟
( د ) جنگ جي زماني ۾ شهري رضاڪار ڪهڙي خدمت ڪندا آهن؟
( هہ ) ٻوڏ جي وقت شهري رضاڪار ڪهڙو بندوبست ڪندا آهن؟



www.perfect24u.com

2 . هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|
| اجورو | |
| واهر | |
| ترت | |
| مورچا | |
| چوڪس | |
| ڏتڙيل | |

3 . هيٺيان خال ڀريو:

(الف) رضاڪار جي معنيٰ ئي آهي بنا ..................... خدمت ڪرڻ وارو.

( ب ) شهري رضاڪارن کي .................. ماڻهو سڪيا ڏيندا آهن.

( ج ) ٻوڏ توڙي زلزلي سبب .................. ماڻهن جي مدد ڪندا آهن.

( د ) شاگردن جي انهيءَ .................. جو فائدو وٺندي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ اهڙا مرڪز قائم ڪيا پيا وڃن.

4 . زبر، زير ۽ پيش کي اعراب چئبو آهي. اعرابن جي مٽائڻ سان لفظ جي معنيٰ بہ مٽجي وڃي ٿي. اوهان هيٺين لفظن جون اعرابون بدلائي معنيٰ لکو.

جيئن : پُٽ - سِڪُ - سِرَ - رَس

ياد رکو تہ: ٻوڏ، زلزلي، طوفانن ۽ ٻين قدرتي آفتن وقت هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي.



www.perfect24u.com

**سکيا جي حاصلات**

- مختلف ڌنڌن ۽ پيشن کان واقف ٿيڻ.
- ڌنڌن جي اهميت ۽ پورهيتن جو قدر ڪرڻ.
- مناسب لفظن سان خال پرڻ.
- اسم ذات جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- بيهڪ جي نشانين بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ.
- عبارت پڙهڻ جي سکيا حاصل ڪرڻ.

# ڌنڌن جي اهميت

ڌنڌو يا پيشو ماڻهوءَ جي زندگي جي گذران حاصل ڪرڻ جو وسيلو هوندو آهي. هر ڌنڌو معزز ۽ احترام جوڳو آهي. اڄڪلهه هر قسم جي نوڪري به پيشي ۾ شمار ٿئي ٿي. ڪي ڌنڌا اهڙا به آهن جيڪي قديم زماني کان اڄ تائين سنڌ ۾ رائج آهن. اُهي ڌنڌا هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين جاري رهڻ ڪري موروثي به بڻيا ته ذات طور سڃاڻپ به بڻجي ويا. جيئن لوهارڪو ڌنڌو ڪندڙ لوهار، واڍڪو ڪم ڪندڙ واڍو، سونارڪي ڌنڌي وارو سونارو، ڪورڪو يا ڪپڙي جي ڪورِ اُڻڻ جي ڪم ڪندڙ کي ڪوري ۽ موچڪي ڌنڌي وارو موچي سڏجڻ لڳو. اِهي ڌنڌا ڪو به ذات وارو ڪري سگهي ٿو. هر هڪ ڌنڌو محنت ۽ مشقت سان ئي ڪامياب رهندو آهي. محنت هر ڌنڌي ۾ برڪت وجهي ٿي. هُونئن ته ڪيترائي ڌنڌا آهن، پر هت اهڙن چَند ڌنڌن جي باري ۾ پڙهنداسين:

**لوهارڪو ڌنڌو:** لوهارڪي ڌنڌي جو تعلق لوهه سان آهي. لوهار پهريائين لوهه کي باهه جي ننڍڙي بٺيءَ ۾ ڌنوَڻ جي وسيلي هوا ڏيندو آهي ۽ باهه ۾ ڪوئلا به وجهندو ويندو آهي. جڏهن لوهه باهه تي ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، تڏهن ان ۾ ڪجهه نرمي ايندي آهي ۽ لوهار ان کي چِمٽي سان ڪڍي، سَنداڻ تي رکي، هٿوڙي سان ڪُٽيندو آهي. اهڙيءَ مار سان لوهه مان گهربل شيءِ ٺهي پوندي آهي. لوهه مان





www.perfect24u.com

ڏاتا، ڪھاڙيون، ٿِقٽيون، ترارون ،ڪوڏرون، رنبا، رنبيون، واھولا، ڇيٽيون ۽ ٻيون بي شمار شيون ٺھنديون آھن.



**واڍڪو ڌنڌو:** واڍڪو ڌنڌو بہ اسانجي معاشري جو اھم ۽ پراڻو ڌنڌو آھي. واڍو ڪاٺ مان ڪتون، ڪبٽ، در، دريون، گھڙامنجيون، ھَر، پاجاريون، ڏانداريون، ٽويا، پاٽيون، چوٽايون ۽ ڪاٺ جا ھُرلا، سينگار جون ميزون، ڪرسيون، ٽپايون بہ ناھيندو آھي. واڍي جا اھم اوزار واھولو، ڪارائي، رندو، رنبي، گرمٽ ۽ سيرائي وغيره آھن، جن جي مدد سان ڪاٺ مان مختلف شيون تيار ڪندو آھي.



**ڪنيارڪو ڌنڌو:** ڪنيارڪي ڌنڌي ڪندڙ کي ڪنير يا ڪنيار سڏبو آھي. ڪنير ڇيڪِي مِٽي ڳوھي، ان مان مختلف ٿانوَ ناھيندو آھي. ھو ڳوھيل مٽيءَ جو پنوڙو ڪاٺ جي چڪ تي چاڙھي، ان کي ھٿ يا پيرَ سان ڦيرائيندو آھي. جڏھن چڪ ڦرڻ لڳندو آھي، تڏھن ڪنيار ٻنھي ھٿن سان ڏاڍي مھارت سان ان مٽيءَ کي گھربل ٿانوَ جي شڪل ڏيندو آھي. ڪنير ڪيترن ئي نمونن جا رانديڪا، مَٽ، دِلا، گھُگھيون، ڍڪڻيون، پاٽيون، پاٽوڙا، ڪُونرَ، چاڏيون، پارا، ڪُنا، ڪُنيون ۽ ڪُپا وغيره ناھيندو آھي. پنھنجن ناھيل ڪچين شين کي آوِيءَ ۾ پچائي تيار ڪندو آھي.



**سونارڪو ڌنڌو:** سون مان زيور ۽ ھار سينگار جون شيون تيار ڪيون وينديون



www.perfect24u.com

آهن. اهڙي ڪاريگر کي سونارو سڏبو آهي. هي ڌنڌو بہ آڳاٽي وقت کان اڄ تائين هلندو ٿو اچي. سوناري جو ڪم نازڪ، نفيس ۽ احتياط وارو هوندو آهي.



**هارپو:** سنڌ پاڪستان جي زرعي صوبن مان هڪ آهي. پراڻي وقت کان وني پوکي راهيءَ جو ڌنڌو يا زمين آباد ڪري زرعي اُپت حاصل ڪرڻ جو ڌنڌو هلندو ٿو اچي. هاري ڪٽڪ، جُوئر، سارِيُون، ڪَمندُ، ڪپھ، سرنهن، تُوريو، پاجيون ۽ ٻيا ڪيترا ئي فصل پوکي ملڪ جي پيداوار ۾ اضافو ڪندو آهي. اڳ تہ هاري ڏاندن سان هَرُ ڪاهي زمين ڪيڙيندو هو ۽ نار وهائي ريج ڪندو هو، پر اڄ جديد ٽيڪنالاجيءَ سبب زرعي اوزارن ۽ مشينريءَ ان جي جاءِ والاري آهي. ان مان آبادگارن کي سنو لاڀ ملي ٿو.



**ڪورڪو ڌنڌو:** ڪورڪو ڌنڌو ڪپڙي اُڻڻ جو ڌنڌو آهي. پراڻي زماني ۾ ڪپڙو اُڻڻ وارا چرخن وسيلي ڌاڳا جوڙي آڏاڻن تي ڪپڙو تيار ڪندا هئا. ڪپڙو يا ڪپڙي جي ڪور اُڻڻ وارو ڪوري سڏبو آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي آڏاڻا هوندا هئا جن تي سوين ماڻهو ڪورڪي ڌنڌي ۾ مصروف هوندا هئا، پر آهستي آهستي جديد صنعتڪاري آڏاڻن جي رواج کي ڏري گهٽ ختم ڪري ڇڏيو آهي ۽ هاڻي ڪپڙو ڪارخانن ۾ تيار ٿيندو آهي.

ان کان علاوه موچڪو، مهاڻڪو ڌنڌو يا مڇي مارڻ جي ڪِرت، حجامڪو،



www.perfect24u.com

ڪٽيءَ جو يا ڏوبڪو، واڻ وٽڻ ۽ ٻيا ٻه اهڙا ڪيترائي معزز ڌنڌا آهن. انهن ڌنڌن جي ذريعي ماڻهو روزي ڪمائي گهر جو گذر سفر ڪن ٿا.

اڄڪلهه هر ڌنڌي ۾ مشينريءَ جو استعمال ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري وقت، محنت ۽ پيسي جي گهٽي بچت ٿي رهي آهي.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) لوهار جا ناهيندو آهي؟

( ب ) واڍي جا ڪهڙا اوزار آهن؟

( ج ) آوِي جا آهي؟

( د ) سوناري ۽ لوهار جي ڌنڌي ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

( هه ) آڏاٽو جا ڪي چئبو آهي؟

( و ) ڪتاب ۾ ڄاڻايل ڌنڌن کان سواءِ ڪن ٻين ڌنڌن جا نالا ٻُڌايو.

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ پنهنجي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| معزز | | |
| آڏاٽو | | |
| صنعتڪاري | | |
| رائج | | |
| آوي | | |
| موروثي | | |
| مهارت | | |



www.perfect24u.com

3 . هيٺيان خال ڀريو:

(الف) هر ڏنڌو معزز ۽ .................. جوڳو ٿئي ٿو.

( ب ) محنت هر ڏنڌي ۾ .................. وڃهي ٿي.

( ج ) لوهار اول لوهه .................. ڪندو آهي.

( د ) ڪنڀارڪي ڏنڌي ڪندڙ کي .................. سڏبو آهي.

4 . اهڙا اسم جن کي ڏسي، ڇُهي يا چکي نه سگهجي پر فقط محسوس ڪري سگهجي اهي اسم ذات آهن.

الله تعاليٰ جو نالو اسم ذات آهي.

جيئن : • ڏاهپ به هڪ ذات آهي.

• مناٺي ۾ ڏاڍو ميناچ آهي.

• سچائي سُنو گُڻ آهي.

نوٽ: مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ اسم ذات آهن. توهان به اهڙا پنج لفظ لکي ڏيکاريو جيڪي اسم ذات هُجن.

ياد رکو: هيٺيون بيهڪ جون نشانيون آهن:

(1) ٿورو دم (،)

(2) اڌ دم (؛)

(3) پورو دم (.)

(4) سوال جي نشاني (؟)

(5) عجب جي نشاني (!)

(6) واڪ جون نشانيون " "

* استاد ٻارن کي بيهڪ جون مکيه نشانيون جملن ۾ استعمال ڪرڻ سيکاري.



www.perfect24u.com

سکيا جي حاصلات

- نون لفظن جي معنيٰ سکڻ.
- هم قافيہ / هم آواز لفظ سکڻ.
- مختصر مضمون لکڻ.

سبق چوويهون

# سُر سارنگ



آگم اِيءُ نہ انگ، جَهڙو پَسڻ پرينءَ جو،
سيڻن ريءَ سَيد چئي، رُوح نہ رَچن رنگ،
سَهسين تيا سارنگ، جاني آيو جُوءِ ۾.

مِينهان ۽ نِينهان، پيئي اکر هَيڪڙي،
جي وسڻ جا ويسَ ڪري، تہ ڪکر ڪَن ڪِيهان،
بادل تي بِيهان، جي آگم اچڻ جا ڪرين.

آگمَ ڪيو اچن، سَجڻ سانوَڻ مِينهن جِئن،
پاسي تن وَسن، جي سپ جَماندر سِکيا.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ



www.perfect24u.com

# مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سارنگ مان ڇا مراد آهي؟

( ب ) سهسين سارنگ ڪڏهن ٿيندا آهن؟

( ج ) هنن بيتن ۾ شاعر ڪهڙي طلب ڪري ٿو؟

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڏسي لکو:

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پَسڻ | |
| سيٽڻ | |
| سهسين | |
| ڪيهان | |
| ڇماندر | |

3 . هيٺين لفظن جا هم قافيہ يا هم آواز لفظ لکو:

جيئن: مينهان - نيهان

اڄن ___________

جهڙو ___________

مينهن ___________

ياد رکو تہ: سارنگ معنيٰ رنگارنگي ڪڪر - جُهڙ - مينهن

سرگرمي: مينهن جي مند تي مختصر مضمون لکو.



www.perfect24u.com

سکيا جي حاصلات

- سنڌ جي تاريخ کان واقف ٿيڻ.
- تاريخي هستين کان واقف ٿيڻ.
- لفظن (اسم) جا واحد جمع لکڻ.
- ”ظرف“ جي باري ۾ سکڻ.

سبق پنجويهون

# دودو سومرو

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪيترائي سورهيه ۽ بهادر انسان پيدا ٿيا آهن. اُنهن پنهنجو رتُ ۽ سَتُ ڏئي، پنهنجي ڌرتيءَ کي هميشہ سلامت ۽ آجو پئي رکيو آهي. اهڙن سورهين مان دودو سومرو بہ هڪ هو. سياڳي آهي اها ماءُ، جنهن کي دودي جهڙا پُٽ هجن!



عربن جي ٽن صدين جي حڪومت کان پوءِ، سومرا قبيلي سنڌ جي حڪومت سنڀالي. سومرن جي گهراڻي ۾ ويهارو بادشاهہ ٿي گذريا. سومرن سنڌ تي ٽن صدين کان بہ وڌيڪ عرصو بادشاهي ڪئي. انهن ۾ پونگر، همون بائي، دودو سومرو، تارا بائي، عمر سومرو ۽ همير سومرو مشهور حاڪم ٿي گذريا آهن.



www.perfect24u.com

سومرن جي دور جا ڪيترائي تاريخي ۽ عشقيه قصا توڙي داستان مشهور آهن. دودي سومري جو داستان هن دور جو هڪ اهم داستان آهي، جيڪو صدين گذرڻ بعد اڄ به پيو ڳائجي.

اُن دور ۾ دهلي سلطنت، سنڌ جي سومرن کي پنهنجي تابع ڪرڻ ۽ دودي خلاف حملي ڪرڻ جي ڀرپور تياري ڪئي. دودي سومري پنهنجي بهادر ساٿين جو لشڪر تيار ڪري، دهليءَ جي بادشاهه پاران موڪليل لشڪر جو مقابلو ڪيو. ان جنگ ۾ دودي ۽ سندس سپاهه زبردست لڙائي ڪئي. وڏي گهمسان جي جنگ لڳي ۽ سنڌ جي سورمن دشمن جي لشڪر ۾ ٽاڪوڙو وجهي ڇڏيو. جيتوڻيڪ هن خونخوار جنگ ۾ دودو جنگ جي ميدان تي وڙهندي شهيد ٿي ويو. ان هوندي به دهلي سلطنت جي لشڪر کي ڪجهه به حاصل نه ٿيو. اهي خوار خراب ٿي دهلي موٽي ويا.

دودي سومري، وطن جي آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ کي بچائڻ لاءِ اهڙي ته بهادري ڏيکاري، جو سندس نالو اڄ تائين ڳائجي پيو. سنڌ ۾ اڄ به اهائي چوٽي مشهور آهي ته: ”مڙس ته ڪو دودو آهين!“ دودي سنڌ جي ننگن ۽ دنگن تان سِر ڏئي شهادت ماڻي هئي، ان ڪري سنڌ جا ماڻهو اڄ به هن سورهيه سپوت جو نالو پنهنجن پُٽن تي رکڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) سنڌ تي سومرن گهڻو عرصو حڪومت ڪئي؟
( ب ) سومرن جي گهراڻي ۾ ڪهڙا مشهور حاڪم ٿي گذريا آهن؟
( ج ) دودي سومري بابت سنڌ ۾ ڪهڙي چوڻي مشهور آهي؟
( د ) سومرن کان اڳ سنڌ ۾ ڪنهن جي حڪومت هئي؟



www.perfect24u.com

2 . هيٺين لفظن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| جملي ۾ استعمال | لفظ |
|---|---|
| | سورهيه |
| | سلطنت |
| | سورمن |
| | ست |
| | تابع |
| | گهمسان |

3 . اسم جا گهڻا عدد آهن؟ هيٺ ڏنل واحد اسمن جا جمع ٺاهيو:

جيئن: لٺ مان لٺيون

تصوير .................... صدي ..........................

جنگ ..................... حڪومت ....................

(ٻه عدد آهن: هڪ عدد واحد معنيٰ اڪيلو ۽ عدد جمع معنيٰ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ)

4 . هن جملي مان ظرف چونڊيو:

اڄ صبح جو ڏنم ته هو آهستي آهستي پئي هليو.

* احمد هيٺ ويٺو آهي.
* آءٌ ڊوڙي ڊوڙي پهتو آهيان.
* سليم ڪالهه تون ڇو نه آئين؟

مٿين جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ جڳهه، زماني، ريت ۽ انڪار کي ظاهر ڪن ٿا. اهڙن لفظن کي ”ظرف“ چئبو آهي.

5 . دودي کان سواءِ سنڌ جا ڪيترا سورما سورميون آهن، انهن مان ڪن ٻه ٽن جا نالا لکو.



www.perfect24u.com

سبق چويھون

# تِمرَ جا ٻيلا

**سکيا جي حاصلات**

- تِمر جي ٻيلن جي اهميت ڄاڻڻ.
- مذکر ۽ مؤنث بابت سکڻ.
- سبق مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀرڻ.



وڻن جا جُھڳٽا جيڪي زمين جي وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل هجن، تن کي ’ٻيلا‘ چئبو آهي. ٻيلا هترادو ٻہ رکيا ويندا آهن تہ قدرتي بہ ٿين. هترادو ٻيلا واهن جي پاڻيءَ تي خاص سار سنڀال هيٺ رکيا ويندا آهن. اتي وڻن جا قسم بہ مرضيءَ موجب رکبا آهن. ٻيلا مِينهن جي پاڻيءَ تي بہ ٿيندا آهن. اهڙن ٻيلن ۾ اتي جي موسم ۽ زمين جي قسم کي نظر ۾ رکي هترادو ٻوٽا رکيا ويندا آهن. کي وڻ قدرتي بہ تي پوندا آهن. قدرتي ٻيلا درياهن جي ڪنارن سان ٿيندا آهن. جيڪي درياهن جي ٻنهي ڪنارن سان چوڙ تائين هلندا آهن.

عربي سمنڊ جي ڪناري سان هڪ خاص قسم جي وڻن جا ٻيلا ٿين ٿا، جيڪي سمنڊ جي پاڻيءَ ۽ ڪناري واريءَ زمين تي قدرتي نموني پيدا ٿيندا آهن. انهن وڻن کي ’تِمر‘ چئبو آهي. تِمر جا ٻيلا سنڌ جي ڏاکڻي حصي ۾ ٿين ٿا. سنڌو درياهہ جي چوڙ وٽ، ڪاري ڄاڻ ۽ ساموندي ڪناري تي زمين ۽ ننڍي پاڻيءَ ۾ بہ ٿين.

تمر جو وڻ گھاٽو ٿئي ٿو. ان جا پن سنها ۽ قد ۾ چار يا ڪبڙ جي وڻ جيترا



www.perfect24u.com

ٿين ٿا. تِمر جا ٻيلا بہ قدرتي ٿين ٿا. هي وڻ مڇيءَ جي واڌ ويجهہ لاءِ نهايت ضروري آهي. سامونڊي لهرين ۾ مڇيءَ جا بيضا لُڙهي اچي هنن گهاٽن ٻوٽن ۾ رڪجن ٿا. اتي ئي ٻچن جي صورت وٺي وڏن ٿا. هي وڻ ننڍين مڇين ۽ جِهينگن جو وڏو پناهہ گاهہ آهي، جهِينگي کي 'سانو' يا 'گانگٽ' بہ چوندا آهن.

تِمر جا پن مڇين جو وڻندڙ کاڌو آهي. اُٺ بہ تِمر جون ٽاريون وڏي چاهہ سان کائيندو آهي. اُنڪري جَتَ اُنن جا وڏا وڳ وٺي تِمر واري علائقي ۾ ڦِرندا رهندا آهن. مطلب تہ مڇيءَ وانگر اُنن جي چاري لاءِ بہ تِمر جا ٻيلا نهايت مفيد ۽ موزون سمجهيا وڃن ٿا. تمر جي وڻن ۾ ماکي بہ جام ٿئي ٿي، جيڪا سامونڊي ڪناري تي رهندڙ ماڻهن جي کاڌ خوراڪ ۽ روزگار جو ذريعو آهي. تِمر جا چوڏا چمڙي کي رڱڻ لاءِ پڻ ڪم اچن ٿا. جڏهن تہ پنن ۽ چوڏن مان نڪرندڙ عرق مختلف بيمارين جي علاج لاءِ ٺهندڙ دوائن ۾ پڻ ڪم ايندو آهي.

تِمر جي ڪاٺيءَ جو ڳاٽيتو عمارتي ڪاٺ ۾ نتو ٿئي. پر ٻارڻ لاءِ ڪناري تي رهندڙ ماڻهن ۽ ٻيڙين تي مڇي مارڻ وارن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو آهي. سمنڊ ڪناري رهندڙ ماڻهو تمر جي ڪاٺين مان پنهنجا گهر پڻ اڏيندا آهن.

سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ ۽ برسات نہ پوڻ ڪري تِمر جا ٻيلا سڪڻ شروع ٿي ويا آهن. ان ڪانسواءِ سامونڊي گدلاڻ بہ تِمر جي ٻوٽن سُڪائڻ ۾ وڏو ڪم ڏيکاريو آهي. مٺي پاڻيءَ جي کوٽ ۽ درياهي لٽ نہ ملڻ واري عمل تِمر جي ٻيلن کي وڏو نقصان رسايو آهي.

هي ٻيلا گهٽجي باقي ٿوري ايراضيءَ تي اچي بچيا آهن. جيڪڏهن پاڻيءَ جي اها کوٽ برقرار رهي تہ هي تاريخي ۽ ڪمائتا ٻيلا اُجڙي ناس ٿي ويندا. تمر جي ٻيلن جي تباهي، جهينگي، مڇيءَ ۽ آنن لاءِ نهايت هاڃيڪار ثابت ٿيندي. اُهي انسان جيڪي ڪناري تي رهي مڇي مارڻ تي گذر ڪري زندگي گذارين ٿا. اُهي بُک ۽ بيروزگاريءَ جو شڪار ٿيندا ۽ سامونڊي ڪنارا ويران ٿي ويندا.

تِمر جي ٻيلن جي اهميت کي سمجهندي، 2013ع ۾ سنڌ سرڪار سامونڊي ڪنارن سان اٽڪل 7 لک نوان ٻوٽا لڳرايا آهن، جيئن تِمر جي ٻيلن کي بچائي سگهجي. اهي سمورا ٻوٽا هڪ ئي وقت پوکيا ويا هئا جيڪو هڪ عالمي رڪارڊ آهي.



www.perfect24u.com

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) ٻيلو ڇا کي چئبو آهي؟
( ب ) ٻِمر ڇا آهي؟
( ج ) ٻِمر سنڌ ۾ ڪهڙي هنڌ ٿئي ٿو؟
( د ) ٻِمر جي ٻيلن جا ڪهڙا فائدا آهن؟

2 . هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ اهي جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| جُهڳِٽا | | |
| لهرون | | |
| ڳاٽيتو | | |
| وڳ | | |
| اُجڙي | | |

3 . هيٺيان خال ڀريو:

(الف) ٻِمر جي وڻن ۾ ................ ۽ ............... جي واڌ ويجهه ٿئي ٿي.
( ب ) جِهينگي کي ................ ۽ ................ ٻہ چئبو آهي.
( ج ) ٻِمر جو ڪاٺ ................ ۽ ................ جي ڪتب ايندو آهي.

4 . هيٺين لفظن جا مونث لکو:

| لفظ | مونث | لفظ | مونث |
|---|---|---|---|
| اُٺ | | ڍِلو | |
| نِينگرُ | | شاگرد | |

5 . ٻيلن جي اهميت تي مختصر نوٽ لکو.



www.perfect24u.com

سبق ستاويھون

سکيا جي حاصلات

- آتم کھاڻي لکڻ.
- نون لفظن کي لغت ۾ ڏسي جملن ۾ ڪتب آڻڻ.
- مناسب لفظ چونڊي خال پرڻ.

# لوڻَ جي آتَمُ ڪهاڻِي

مون کي هر ڪو سڃاڻي. هر گهر ۾ منهنجو استعمال ٿئي ٿو. اُهو ڪهڙو طعام آهي، جنهن ۾ منهنجي هئڻ جي ضرورت نہ آهي! هرڪو ڪاڌو مون کان سواءِ بي سوادي آهي. مون کي پلي ڪٽي سال رکي ڇڏيو، پر خراب اصل ڪين ٿيان. نالو تہ منهنجو اوهين پڪ ڄاڻي ويا هوندا. ها! مون کي "لوڻُ" چوندا آهن، ڪي وري 'نمڪ' بہ ڪوٺينم.

آءٌ آهيان بہ گهراڻي گهر جو! انهيءَ ڪري وڏائي تہ اصل ڄاڻان ئي ڪِينَ. زماني جا حال تہ توهان کي ساريا پيا آهن. ٿوم ۽ بصر جهڙيون شيون بہ ڪڏهن ڪڏهن اڻ لڀ ٿيو وڃن، پر آءٌ هر وقت ۽ هر هنڌ هڪيو حاضر آهيان. نڪي لڪان، نڪي ماڻو ڪري پنهنجو مُلھ وڌايان. امير توڙي غريب جي هڪجهڙي خدمت ڪريان. ائين نہ ڄاڻو تہ آءٌ ڪو اڪيلو آهيان. وڏي قبيلي وارو آهيان. اڄ تہ آءٌ اوهان کي پنهنجي ڪهاڻي سُڻايان.

اسين لوڻ پاڻيءَ توڙي خشڪيءَ ۾ رهون ٿا. آءٌ سمنڊ ۾ رهان. ماڻهو سمنڊ جي ڪناري تي ننڍين ٻارين ۾ سمنڊ جو پاڻي پريو ڇڏين. جڏهن پاڻي





www.perfect24u.com

سُڪيو وڃي، تہ آءٌ ظاهر ٿيو پوان. انهيءَ ڪري مون کي سڏين ئي ’ساموندي لوڻ‘ منهنجو ٻيو ڀاءُ رهي کاري پاڻيءَ جي ڍنڍن ۾. ٿر ضلعي جي ڏيپلي تعلقي ۽ سانگهڙ ضلعي جي کپري تعلقي ۾ سارڻ ۽ ڍليار ڍنڍون آهن، جتي منهنجو ٻيو ڀاءُ رهندو آهي. منهنجو ٽيون ڀاءُ ڪلرائين زمينن ۾ رهندو آهي. ماڻهو ڪَلَرُ ميڙي، پاڻيءَ ۾ پُسائيندا آهن. پوءِ اُن جو مٽاڇرو پاڻي ڪٽي، ڪاڙهي، منهنجي ڀاءُ کي ظاهر ڪندا آهن. اُن کي ’ڪلرانو لوڻ‘ چون. اسان ٽنهي جو رنگ اڇو آهي. منهنجا ٻيا ٻہ ڀائر جبلن ۾ رهندا آهن. اُنهن مان هڪ جو رنگ ڳاڙهسرو آهي، اُن کي ’سينڌو لوڻ‘ سڏين. ٻئي جو رنگ ڪارو آهي، اِنڪري اُن کي سڏين ئي ”ڪارو لوڻ“. پنجاب ۾ ڊنڊوٽ وٽ منهنجي انهن ڀائرن کي جبلَن مان کوٽي ڪڍيو اٿن. انهيءَ کي ’جابلو لوڻ‘ سڏين. اهو پيهين پوءِ ڪم آڻيندا آهن.

آءٌ کاڌي کان سواءِ دوائن ۾ بہ ڪم ايندو آهيان. خاص ڪري پيٽ جي سور جي ڦڪين ۾ منهنجا ڀائر، سينڌو لوڻ ۽ ڪارو لوڻ ڪم آڻيندا آهن. آءٌ جانورن



جي بہ ڪم اچان ٿو. ٿڪ جي حالت ۾ اُنن، گهوڙن ۽ ڍڳن کي منهنجون هڪ يا ٻہ لپون کارائيبيون تہ ٿڪ لهي ويندو اٿن.

آءٌ جنهن سان بہ ملان، ان کي خراب ٿيڻ کِينَ ڏيان. منهنجي رهڻ جي ڪري سمنڊ جو پاڻي ڪڏهن بہ کِنو ڪين ٿئي. توهان ڏٺو هوندو تہ ڳلُنِ، مڇيءَ، پَلي يا گوشت سُڪائڻ وقت مون کي ڪتب آندو ويندو آهي. آءٌ اُنهن جي رس سان ملي ويندو آهيان، تنهنڪري اُنهن ۾ نڪا بدبوءِ ٿئي ۽ نہ وري اهي شيون کِنيون ٿين، پلي مهينن جا مهينا رکيون هجن.



www.perfect24u.com

آءٌ جڏهن برف سان ملندو آهيان، تہ اُن کي ڳرڻ کان روڪي، وڏيڪ ٿڌ پيدا ڪندو آهيان. ڪُلفي ۽ آئس ڪريم ناهڻ وارا برف ڪُٽي، اُن ۾ مون کي ملائي، سانچي ۾ ٻاهران رکندا آهن، تہ سانچي ۾ پيل کير ڄمي ڪلفي ٿي پوندو آهي.

آءٌ ڏاڍو ڪمائتو آهيان، پر منهنجي گهٽائي نقصانڪار اَٿو. ڪاڏي ۾ ضرورت کان گهٽو پئجي ويس، تہ طعام ڪارو ٿي پوندو. زمين ۾ وڌي ويندو آهيان، تہ اتي ڪلرُ ٿي پوندو آهي. ڪلراٺيءَ زمين ۾ نہ پوک ٿيڻ ڏيان نہ وري ڪا ڪچي جاءِ بيهڻ ڏيان. جاين جون پاڙون ڪائي، ڇَٽ ڪري ڇڏيندو آهيان. ”ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ“ تہ توهان ٻڌو هوندو. ائين تڏهن چئبو آهي، جڏهن ڪنهن جي ڏکويل دل کي وڌيڪ ڏکوئبو آهي. پلائي ڪري ڪنهن جي دل نہ ڏکوئجو، نہ تہ آءٌ هرويرو بدنام ٿيندس.

اِها ڳالهہ ياد رکجو تہ پاڻي منهنجو دشمن آهي. آءٌ ان کان وَنءُ ويندو آهيان. پاڻي منهنجي وجود کي ڳاري ناس ڪري ڇڏيندو آهي. مُڙان وري آءٌ بہ ڪِينَ! پاڻي مون کي ڳاري، تہ آءٌ وري اُن جو سواد بدلائي ڪارو ڪريو ڇڏيانس، پوءِ سيڪو پيو ٿُوڪاريس.

ٻارو! اڄ مون کي دنيا ۾، جيڪو مانُ ۽ مرتبو حاصل آهي، سو اِنهيءَ ڪري آهي جو مون ڏاڍا ڏک ۽ ڏاڪڙا ڏٺا آهن، ۽ سخت ڪشالا ڪديا آهن. پنهنجي ننڊ ۽ آرام ڦِٽائي، ڪارخانن ۾ پيسجي اَٽو ٿيو آهيان. سچ آهي تہ هن دنيا ۾ مانُ ۽ مرتبو گهر ويني، مفت ۾ ڪين ملندو آهي. مانُ ۽ مرتبو ملندو آهي محنت سان. محنت ڪريو، ننڊ ۽ آرام ڦٽائي پڙهو ۽ لکو، تہ اڳتي هلي، وڏي مانَ ۽ مرَتبي وارا ليکجو.

## مشق

1 . هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

(الف) لوڻَ جا گهٽا قسم آهن؟

( ب ) لوڻُ ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟

( ج ) زمين ۾ لوڻ جي وڌڻ ڪري ڪهڙو نقصان ٿو ٿئي؟

( د ) ٿرپارڪر ۽ سانگهڙ ضلعن جي ڪهڙين ڍنڍن مان لوڻ لڀي ٿو؟



www.perfect24u.com

مفت ورهاست لاءِ

2 . هينين لفظن جي معنيٰ لغت مان ڳولي لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

| لفظ | معنيٰ | جملي ۾ استعمال |
|---|---|---|
| ڪشالا | | |
| دربدر | | |
| ماٺو | | |
| مهلت | | |
| اهميت | | |
| اچرج | | |
| مرتبو | | |

3 . هيٺ ڏنل مناسب لفظن سان خال ڀريو:

(الف) اسين پاڻيءَ توڙي .................... ۾ رهون ٿا. (هوا - ٻاڦ - خشڪيءَ)

( ب ) پنجاب ۾ ................... وٽ منهنجي انهن ڀائرن کي جبلن مان ڪوٺي ڪڍيو اٿن. (لاهور - سيالڪوٽ - ڊنڊوٽ)

( ج ) آءٌ ڪاڏي ڪان سواءِ .................... ۾ به ڪم ايندو آهيان. (دوائن - ڪير - ڪنڊ)

( د ) پاڻي منهنجو ................ آهي. (دشمن - دوست - ڀاءُ)

4 . سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ جيڪي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن. هن سبق ۾ اهڙا لفظ آيل آهن.

جيئن: ٻي سوادي ۽ اٽلپ. اوهين به (ٻي ۽ اڻ) اڳياڙي سان ٻيا لفظ ناهيو.

5 . اوهان پنهنجن لفظن ۾ قلم جي آتم ڪهاڻي لکي اچو.

ياد رکو ته: آتم ڪهاڻي معنيٰ پنهنجي زباني پنهنجي ڳالهه.



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سبق پهريون | |
| ٻاجهه | رحم، مهر |
| تاريءَ تڳڻ | سهاري، آسري يا آڌار جيئڻ |
| پاتال | ڪِهرائي، اونهائيءَ جي آخري |
| | حد، سمنڊ يا ڍنڍ جو اونهو ترو |
| ڇپر | ڍڪ، اوٽ، پناهه ، جبل |
| ري | ڪانسواءِ |
| صاحب | الله سائينءَ ڏانهن اشارو |
| صاحبي | مالڪي، مالڪ هئڻ |
| فضل | بخشش، نيڪي |
| ڪُجاڙو | ڇا |
| ڪُمي | ڪوت، گهٽتائي |
| ڪهان | چوان |
| منگان | گهران |
| ميريا ئي | اڳلي هئڻ باوجود، ميري |
| | هئڻ واري حالت ۾ بہ، |
| | ڪوتاهين يا غلطين |
| | هوندي، گناهگار آهيان تہ بہ |
| سبق ٻيو | |
| اوج | ترقي، عروج، گهڻو واڌارو |
| تاڪيد | زور ڀرڻ، هدايت ڪرڻ |
| تعمير | اڏاوت |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پورهيت | ڪمي، ڪاسبي، |
| | پورهيو ڪندڙ، محنت ڪش |
| پورهيو | ڪم |
| راس | مڪمل، پورو، تيار |
| ڪيٻائڻ | تتائڻ، لهرائڻ |
| عار | عيب، گهٽتائي |
| هجرت | لڏپلاڻ |
| سبق ٽيون | |
| اُخوت | ڀائپي |
| بشر | انسان، ماڻهو |
| صداقت | سچائي |
| عداوت | دشمني، وير |
| عنايت | مهرباني، ڪرم |
| مروت | لحاظ |
| سبق چوٿون | |
| پنهنجي هڙان | پنهنجي ڪمائيءَ / ملڪيت مان |
| دولتمند | شاهوڪار، پئسي وارو |
| سرندي پڄندي | پهچ، اثر و رسوخ |
| صحابي | صحبت ۾ رهندڙ، دوست |
| غني | شاهوڪار |
| ڪهل | ٻاجهه، رحم، ترس، قياس |
| ويرُ | دشمني |



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **سبق پنجون** | |
| آڪاش | اُڀ، آسمان |
| اُپ گرهه | نظام شمسي ۾ شامل سيارا جيڪي خود روشن نہ آهن پر ٻين کان روشني وٺن ٿا جهڙوڪ چنڊ ۽ ڌرتي |
| باهمي | ڳڏيل، هڪٻئي سان جُڙيل |
| جهرمٽ | ميڙ، مجموعو |
| ڪشش | ڇڪ، زور |
| گردش | ڦيرو، چڪر |
| گرهه | نظام شمسيءَ ۾ شامل سيارا جن جي ڌار حيثيت آهي. ستارا (خود روشن) |
| لپائيندڙ | وٽندڙ، فرحت ڏيندڙ، موهيندڙ |
| مخصوص | خاص، مقرر ڪيل |
| مندل | سج چنڊ ۽ تارن جو نظام، نظارو، جماعت، سنگت، سرشتو |
| مندڻ | سينگارڻ، اڏڻ |
| نڪٽ | تارن جو ميڙ، جهڳٽو |
| نظارو | ڏيک |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **سبق ڇهون** | |
| اُجاري | چمڪائي |
| ٽُرهو | پاڻيءَ مان ترڻ لاءِ ڪکن ۽ ڪاٺين مان ٺهيل سهارو |
| توڪل | ڀروسو |
| پرچم | جهنڊو |
| چمن | باغ |
| صداقت | سچائي |
| عظمت | وڏائي |
| عَلَمَ | جهنڊا |
| قدم چمڻ | ڪاميابي حاصل ٿيڻ |
| کُپت | بي ايماني، ٺڳي |
| ڪدورت | ساڙ، بيائي، بغض |
| **سبق ستون** | |
| استال | دڪان، هَٽُ |
| تربيت | سکيا |
| تفريح | وندر |
| تفسير | سمجهاڻي، تشريح |
| خانقاهه | ويهڻ لاءِ جاءِ، بزرگن جو آستانو |
| درس | سبق |



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| رياضتون | عبادتون |
| زائرين | زيارت لاءِ آيل |
| صحبت | دوستي، سنگت، ياري |
| عقيدتمند | مجيندڙ، معتقد |
| قيام | رهائش |
| ڪانفرنس | ڪنهن مسئلي تي ڪوٺايل وڏو ميڙ جتي ان مسئلي جي باري ۾ تقريرون ٿين |
| مزار | قبر |
| منافعو | نفعو، فائدو |
| واهڻ | ڳوٺ |
| وسندي | ننڍو ڳوٺ، آبادي |
| هلچل | تحريڪ، چُر پُر |
| **سبق اٺون** | |
| اڳهامي | قبول پيئي |
| پالڻهار | رب، پاليندڙ، ڌڻي سڳورو |
| پرچار | مشهوري، تبليغ |
| جِئُ | فتح، ڪاميابي |
| خلقڻهار | پيدا ڪندڙ الله تعاليٰ |
| ڏوڙيو | هولي جو پيو ڏينهن جڏهن تيز هوا لڳندي هجي |
| سِٽ سِٽڻ | رٽون رٽڻ، اٽڪلون ڳولڻ، سازشون ڪرڻ |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| سنسار | جهان، دنيا، ڪائنات، جڳ |
| ڦگڻُ | سنڌي سال جي آخري مهيني جو نالو |
| نروار | ظاهر پڌرو |
| **سبق نائون** | |
| امرت | سدا حيات، هميشه زنده، نه مرندڙ |
| سرس | وڌيڪ |
| سندم | منهنجو |
| سونهارا | سونهن وارا، سهڻا، پيارا، نيڪ |
| مهراڻ | سنڌو درياهه جو هڪ نالو |
| هاڪارا | مشهور، هاڪ وارا، نالي وارا |
| هُڳاءُ | سرهاڻ، خوشبوءِ |
| **سبق ڏهون** | |
| جنم | جم، پيدائش |
| ڇوٽڪارو | آزادي، نجات |
| ذهين | هوشيار |
| سجائي | ڪمائتي |
| همت | طاقت، سگهه جو جذبو |



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **سبق يارهون** | |
| آثار | نشان، اُهڃاڻ |
| اُڪريل | چٽيل |
| سَياح | سير تفريح ڪندڙ ماڻهو |
| قديم | پراڻو، آڳاٽو |
| ڪُشادا | ويڪرا |
| ماٿري | وادي، سڌي زمين جو ٽڪرو، آبادي لائق زمين |
| **سبق ٻارهون** | |
| ڀاڳ | نصيب، بخت |
| سهارو | آسرو، ڏڍُ |
| سرسبز | سائو ستابو، ساوڪ وارو |
| ڪمي | ڪم ڪندڙ، پورهيت، نوڪر |
| موچارا | ڀلا، ملوڪ، سهڻا |
| **سبق تيرهون** | |
| اوپرا | اڻ سڃاتو، ڌاريا، اڻ ڏٺل |
| پرور | الله تعاليٰ، ڌڻي سڳورو |
| پَتِ | عزت، لڄ، پرم، آبرو |
| حُب الوطني | ديس لاءِ پيار، ساٿيهه جي سِڪ، وطن سان محبت |
| سڱ | رشتو، ناتو |
| مارو | مالوند، ڌنار، پنهوار |
| هاڪ | مشهوري، واڪاڻ |
| **سبق چوڏهون** | |
| احتياط | بچاءُ جو طريقو |
| چڪاس | جاچ - جانچ |
| ڪارڻ | سبب |
| ڳُتيل | ڳهاٽو، ڳهڻ وارو |
| نبل | ڪمزور، هيڻو، نستو |
| هاڃيڪار | نقصان ڏيندڙ، ڇيهو رسائيندڙ |
| **سبق پندرهون** | |
| ڍڳاريون | ڍڳيون، مينهون، چوپايو مال |
| حڪمت | دانائي |
| موليٰ | ڌڻي تعاليٰ |
| مستقبل | آئيندو |
| وٽڪار | وڻن جي ڇانوَ، ٽڏڪار |
| **سبق سورهون** | |
| اُتساهه | چاهه، سِڪ |
| پوئلڳ | مڃيندڙ، پٺيان هلڻ وارو |
| حفظ ڪيو | ياد ڪيو |
| خوبصورت | سهڻو، سونهن ڀريو |
| ذريعو | وسيلو |



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| شڪر | کنڊ |
| غير مسلم | مسلمانن کان سواءِ ٻيا |
| فاني | ختم ٿيڻ واري، جلد ختم ٿيندو |
| گنج شڪر | بابا فريد جو لقب |
| لاڏاڻو | موت، وفات، مرتيو |
| معروف | مشهور، ڄاتل سڃاتل |
| نيڪ سيرت | سٺي اخلاق وارو، نيڪ سياءُ وارو |
| **سبق سترهون** | |
| حقدار | حق رکندڙ، ڏٺي |
| حيرت | تعجب، حيراني |
| رعيت | عوام، راڄ |
| ضعيف | ڪمزور، هيڻو |
| نُور | روشني، سوجهرو |
| وارث | مالڪ |
| **سبق ارڙهون** | |
| اٿل | پختو |
| ٻل | زور، طاقت، سگهه |
| پرزا | ٽُڪرا |
| ڏري | ٽُڪي، ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي |

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ڏونگر | جبل، پهاڙ |
| ڦل | ميوو |
| **سبق اوڻيهون** | |
| اِنسٽال | وجهي، داخل ڪرڻ، وجهڻ |
| ائڊريس | پتو، ڏَسُ |
| انفارميشن | سُڌ، ڄاڻ، خبر، اطلاع |
| برقي | بجليءَ واري، بجليءَ تي ڪم ڪندڙ |
| ٽيڪنالاجي | حرفت، فني ڄاڻ |
| جديد | نئين، تازي |
| لاڀ | فائدو، نفعو |
| مقصد | مطلب |
| **سبق ويهون** | |
| اُمنگ | خواهش، تمنا، جذبو |
| اسڪائوٽ جمبوري | اسڪائوٽن جو ميلو يا گڏجاڻي |
| ائسوسيئيشن | جماعت |
| ٻوائِ اسڪائوٽ | ڇوڪرا اسڪائوٽ |
| باڪردار | اخلاق وارو، سٺن لڇڻن وارو |
| بين الاقوامي | عالمي، سمورين قومن وارو، گڏيل قومن جو |
| جٿو | ٽولي، جماعت |
| خلق | عوام، عام ماڻهو |



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| خود اعتمادي | پاڻ تي ڀروسو |
| دستڪاري | هٿ جا هنر |
| فخر جوڳو | ساراهيل، ساراهه ڪرڻ جهڙو |
| ڪارائتو | ڪمائتو، فائدي وارو، فائديمند |
| ڪَهِل | ٻاجهه، رحم، ترس، قياس |
| مفيد | فائديمند، نفعي بخش، لاڀائتو |
| مقبول | وڻندڙ، پسند آيل |

## سبق ايڪيهون

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اُلڪو | ڏپ، اونو، خوف. ڪُتڪو |
| چراگاهه | جتي جانورن جو چارو يا گاهه موجود هجي، مال چرڻ جي جاءِ |
| سانديائين | سنڀاليائين |
| گونج | آواز، پڙاڏو |
| مارو | مارڻ وارو، شڪاري |

## سبق ٻاويهون

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| اجورو | اُجرت، مزوري، معاوضو |
| اتفاقي | اوچتو، اچانڪ |
| ڀڃڪڙي | ٽوڙڻ، قائدو ٽوڙڻ |
| ترت | جلد، هڪدم |
| پهرو | چوڪي، نظرداري |
| رُڌل | مشغول، مصروف |
| چوڪس | خبردار، سجاڳ |
| ڏتڙيل | دربدر |
| سهارو | ٽيڪ، آڌر، آسرو |
| مورچا | بچاءُ جون جايون |
| واهر | مدد |

## سبق ٽيويهون

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| آوي | نهائين، ٿانون پچائڻ جي ڪوري |
| آڏاڻا | ڪپڙي اُڻڻ جي مشين |
| احتياط | خبرداري، بچاءُ |
| ريج | زمين کي پاڻي ڏيڻ |
| رائج | هلندڙ، جاري، رواج ۾ |
| صنعتڪاري | ڪارخانا، مشينري |
| موروثي | ورثي ۾ مليل |
| مشقت | سخت پورهيو، ڏکيا ڪم |
| مهارت | ڪاريگري، قابليت |
| معزز | ماڻائتو، عزت ڀريو |
| مصروف | رُڌل، مشغول |
| نفيس | نازڪ |



www.perfect24u.com

# نوان لفظ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| **سبق چوويهون** | |
| آگم | جُهڙ |
| انگ | نشان |
| پسڻ | ڏسڻ |
| جُوءِ | ملڪ، وطن، ديس، علائقو، ماڳ |
| ڄماندر | ڄمار، عمر، حياتي |
| رنگ رچن | خوشيون ٿين |
| سيڙن | مٿن مائٽن، پيارن |
| سار | سنڀال، يادگيري |
| سهسين | هزارين، وڏي تعداد ۾ |
| سنگهار | مالوند، ڌنار، مال وارا، مارو |
| ڪِيهان | ڏانهون، رڙيون |
| نينهن | عشق، پيار، سِڪ، محبت |
| **سبق پنجويهون** | |
| آجو | آزاد |
| تابع | هٿ هيٺ، حڪم هيٺ |
| تعلق | واسطو، رشتو، ناتو، لاڳاپو |
| ڏاڪوڙو وجهڻ | ڀڄائي ڪيڻ، ماري ڀڄائڻ |
| خودمختياري | پنهنجي حڪمراني |
| سورهيه | بهادر، دلير |
| ست | سگهه طاقت |
| سورمن | بهادرن |
| سلطنت | بادشاهت |
| سپوت | سلڇڻو پُٽ |
| عرصو | وقت |
| گهراڻي | خاندان، ڪُٽنب، ڪڙم |
| گهمسان | گوڙ، شور |
| **سبق ڇويهون** | |
| اُجڙي | برباد ٿي، تباهه ٿي |
| جهڳٽا | گهاٽن وڻن جو مجموعو، |
| | هڪ هنڌ گڏيل گهاٽا وڻ |
| عمارتي ڪاٺ | جاين جوڙڻ جي ڪم ايندڙ ڪاٺ |
| ڳاٽيتو | شمار، ڳِڻپ |
| لهرون | ڇوليون |
| وَڪ | ولر (اُٺن جا) |
| **سبق ستاويهون** | |
| اهميت | ضرورت، قدر |
| اچرج | حيرت، عجب |
| دربدر | ڀٽڪندڙ، رولو، بي گهر |
| ڪشالا | تڪليفون، ڏکيا ڪم |
| ماڻو | ناز نخرو |
| ماشاءالله | جيڪي خدا گهري يا گُهريو، |
| | الله جي مرضي |
| مهلت | فرصت، واندڪائي، موقعو |
| مخاطب ٿيڻ | ٻئي سان ڳالهائڻ گفتگو ڪرڻ |
| ونءُ ويندڙ | ڀڄندڙ، ڀري ٿيندڙ |



www.perfect24u.com